# موچي منهجي آتمڪهاڻي



سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
گاڏي کاتو حيدرآباد

# هوچي منهه جي آتم ڪهاڻي

سنديڪار:

رسول بخش پليجو

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
گاڏي کاتو حيدرآباد

| | |
|---|---|
| پهريون ڇاپو | اپريل ١٩٧٢ع |
| ٻيو ڇاپو | جنوري ١٩٧٥ع |
| ٽيون ڇاپو | مارچ ١٩٨٢ع |
| ڇپائيندڙ | محمد اشرف لاکو |
| ٻانهن ٻيلي | منير احمد ٻرڳڙي |

قيمت ٩-٠٠

Gul Hayat Institute

هي ڪتاب محمد اشرف لاکي ”غني جي پرنٽرس“ هوم اسٽيڊ هال اچڙهي کان ڇپائي سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي گاڏي کاتو حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

# مهاڳ

دنيا جي ٻين مظلوم ملڪن جي عوام وانگر سنڌي عوام به پنهنجي وطن جي ڇوٽڪاري، ترقي ۽ شان لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي.

سنڌ جي نوجوان نسل، سنڌي اديبن، شاعرن، دانشورن، شاگردن ۽ قومي ڪارڪنن ان جدوجهد ۾ وڏو حصو ورتو ۽ ڪافي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. گذريل تجربي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته اسان جي جدوجهد جي راه ۾ گهڻيون رڪاوٽون به آهن. انهن مان هڪڙي وڏي رڪاوٽ اها به آهي جو اڃا اسان جي ڪارڪنن ۽ عوام کي انقلابي جدوجهد جي لاهين چاڙهين، صحيح وات ۽ ان جي گس جي وڙن وڪڙن، ڏاڍين ۽ اڻانگن لڪن جي پوري خبر ناهي. ان ڪري اسين بار بار ڪيتريون غلطيون ڪريون ٿا، پاڻ ۾ ٻڌي ڪري نٿا سگهون، لڳاتار جدوجهد نٿا ڪري سگهون، پنهنجي ۽ پرائي جي پوري ڇاڻ ڪري نٿا سگهون، پيري پيري سان دوڪا کائون ٿا ۽ پڇتايون ٿا.

دنيا جي ٻين ملڪن ۽ ٻين قومن جي حالت به

Gul Hayat Institute

پھريائين اسان جھڙي هوندي هئي. انهن ۾ اهڙيون ئي سنگين غلطيون ڪيون ۽ انهن جي ڪري ڳريون مصيبتون ۽ ناڪاميون سٺيون. آخر هنن پنهنجين غلطين مان سبق پرايو، نوان تجربا ۽ آزمائشون ڪيون. هنن اهڙا ڏاها دلير ۽ سرويچ ڪارڪن ۽ اڳواڻ پيدا ڪيا، جن کين لڪن لانگهن مان لنگهائي پار ڪيو ۽ منزل تي رسايو.

پين قومن جي جدوجهد ۽ اسان جي جدوجهد ۾ گهڻا فرق آهن، زماني جا، ماحول جا ۽ حالتن جي پر اسان ۽ هنن جي وچ ۾ ڪيتريون ڳالهيون ساڳيون به آهن.

ان ڪري جيڪڏهن اسين پاڻيون ته سدائين پٺيل نه رهون ۽ اونداهي ۾ ٺوڙاڙيون نه ڏيندا رهون ته پوءِ اسان کي گهرجي ته پنهن جي تجربي مان به سبق پرايون ۽ ساڳئي وقت پنهن جي ساٿي ۽ اڳواڻ قوم سندن سرواڻن جي جدوجهد جي ڄاڻ به حاصل ڪريون ۽ انهن جي تجربن مان سبق حاصل ڪريون. ائين ڪرڻ سان اسين بار بار پلجڻ کان بچي وينداسون.

انهيءَ مقصد لاءِ سنڌي عوامي ڪتاب گهر ”نئين دور جا برک انقلابي“ نالي ڪتابي سلسلو شروع ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي جا ڪتاب اسان کي سيڪاريو ته دنيا جي مشهور انقلابي قومن ڪهڙيون واٽون وٺي انقلاب جي منزل ماڻي.

Gul Hayat Institute

سنڌيءَ ادب کي هن وقت هر قسم جي علم جي دولت سان مالا مال ڪرڻو آهي ۽ ان کي دنيا جي عظيم ٻولين جي صف ۾ بيهارڻو آهي. اسان کي اميد آهي ته هيءَ ننڍڙي ڪوشش به ان سلسلي ۾ مدد ڏيندي.

رسول بخش پليجو

حيدرآباد

٣١ مارچ ١٩٧٢ع

Gul Hayat Institute

[ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهيڙيندي ڇڏيا
ڪارا ڪند هٿن ۾ اڙل وڇيرا هيٺ ،

تي تنين سان ڏيئي موٽڻ جنين ميهڙو. (شاهه آءِ ويٽنام جو رهاڪو آهيان.... جي ها آءِ ويٽنامي آهيان. مون کي انهيءَ ڳالهه تي فخر ۽ ناز آهي، ته مون اتي جي نيري پاڻيءَ، ساين ٻنين ۽ وڏن پربت جيڏن جبلن ۾ اک کولي. منهنجي ڏاڏاڻي ڏيهه جو نالو "سين" آهي پر آءِ "چائو" نالي شهر ۾ ڄائس جيڪو "ليم" درياهه ۽ اسان جي صوبي جي شاهي سڙڪ جي وچ ۾ آهي. منهنجو وطن دلير ۽ بهادر انسانن جي سرزمين آهي. جڏهن ڪنهن به سامراجي قوت ويٽنام ڏانهن اک کڻي نهاريو، تڏهن اسان جي مٿير مڙسن جهٽ ڏيئي هڪ ئي وار سان انهيءَ قوت جا هٿ ڪپي ڇڏيا. سائي هيڪ بي، ڦان ڊي تنگ، ڦان بوڻي چائو، تران ڦويه، جهڙا مانجهي مرد ۽ ڙالون به اتي ڄاوا. انهن مجاهدن کان سواءِ وڏن شاعرن پڻ هتي جنم ورتو. انهن شاعرن مان هڪڙو "نگويان ڊي" پڻ هو.

اسان جي زمين ڏوٺ، نيلي ۽ پڙپانگ آهي. گرميءَ

Gul Hayat Institute

جي موسم ۾ تپندڙ سج ۽ اتر اوڀر کان لڳندڙ لڪ زمين جي پوسل کي چوسي نوٽ ڪري ڇڏيندي آهي:

[جت لڪ لڳي جت اڪ تپن، سو ڏيس مسافر منهنجو ڙي!
جت سج ڦلا ٿي نڪري تو ۽ آڳ ٻلا ٿي نڪري ٿو!
جت ڏينهن ڪٽا هي ۽ جئن ڪڙهن سو ديس. مسافر منهنجو ڙي! (اياز)]

وڻ ٽڻ سلا سڀ سڪي ويندا آهن. تنهن کانپوءِ زبردست طوفان ۽ مينهن جي ڇڻ قيامت نازل ٿي ويندي آهي ۽ دريائن جا وهڪرا ڦري ويندا آهن. نگهواين جي جابلو علائقن جا ماڻهو ڳالهه آهن ته:

”هڪ پيري الله سائين هني جي ماڻهن ڏمريو ۽ ڪاوڙجي انهن طوفاني هوائن جو صوبي ڏانهن ڪري ڇڏيائين. انهن هوائن ڪي پاڙان پٽي اکوڙي ڇڏيو، ۽ هزارين انس جو شڪار ٿي ويا.“

اها ڳالهه سچي هجي يا نه، پر اسان جي وطن ويٽنام ۾ تمام خ ايندڙيون آهن. خاص ڪري سن

طوفان سبب ڍهلجي ويئي هئي، ۽ ليم درياه جو پاڻي رت وانگر ڳاڙهو ٿي ويو هو. نگهواين جا رهاڪو اهڙين اوچتين مصيبتن کي مڙس ٿي منهن ڏيندا آهن. هنن جا حوصلا بلند آهن ۽ لڳاتار محنت سبب سندن لڱ رڳ جهڙا مضبوط آهن. تنهيءَ تڏيءَ ڪاهڻ وارا آهن. وٽن آرام لفظ هڪ گار مثل آهي. ڪين بهادريءَ، جفاڪشيءَ بک ڏک سهي وڃڻ، بلند همتي، محنت ۽ جاڳڻ جهڙ تاريخي طرح ورثي ۾ مليا آهن.

فطرت جي ڏاڍاين ۽ ڌارين قبضو ڪندڙ سامراجين خلاف منهنجي وطن جي ماڻهن کي هميشه جنگ جوٽڻي پوي. انهيءَ ڳالهه اسان جي ماڻهن جي دلين ۾ وطن بهادريءَ ۽ بي ڊپائي جي جوت جاڳائي وڌي ۽ ڪانسواءِ اسان جون جهوليون ثقافت ۽ آملهه ماڻڪن سان ڀريون پيون آهن. اسان ڻون آکاڻيون، گيت ۽ ناچ سڀئي اسان جي دلير، غيرتمند ۽ مجاهد فطرت جو آئينو ن جي ڇٽاٽن ۽ گيتن جي سرن سان گونجندڙ يون ٢٩ مئي ١٨٩٠ ۾ اک کولي. منهن گهٽا ۽ آن ٿورو هو. هڪ ماڻهو زمين جو ٽڪرو ملندو هو نه ملندو هو.

[ نڪي طعام تنين ۾، نڪي گبريـن،
مون پڻ ملاتن، حاصل هي حال ڪيو. (شاه)]

وڏا زميندار، جاگيردار ۽ سـردار ويهه ويهه هزار ايڪڙن ۽ هزارين مينهن ۽ مال تي قبضو ڪريو ويٺا هئا. ماڻهن کي گهٽو ڪري قاتل ۽ ميرا ڪپڙا پيل هوندا هئا. وٽن ايترو پئسو بچندو ئي ڪين هو، جنـو ڪٽي نوان ڪپڙا پائين:

[ننگـا آهيون نڪٽا اسين مـارو لوڪ،
ٿر کي پانيون ٿوڪ جو ڍڪ ڏاتيئڙن جو. (شاه)]

تنهنڪري اسان جي بهادر ۽ محتي ماڻهن اهـا اٽڪل ويڙهائي جو شينهن کي ماري، ان جـي کلن مان تن ڍڪيندا هئا. تنهنڪري منهنجو گهوٽ سڏبو ئي هو، "شينهن جي کلن وارو گهوٽ."

هتي جي هوائن ۾ عجيب روايتن جنم ورتو آهي. مائون پنهنجي ٻارن کي چمندي ئي اها لولي ڏينديون آهن ته "پٽ وڏو ٿي پنهنجي ملڪ جي مٿان گهور ٿجائين." اسان جي هڪ مشهور لولي هيءَ آهي:

"سمهي رهه منهنجا ننڍڙا سهڻا پـٽ!
'سمهي رهه منهنجي اکين جـا نور!
'منهنجي دل جا ٺار اکيون بند ڪري سمهي رهه،
'تنهنجي ملڪ اڃا آزاديءَ جو منهن نه ڏٺو آهي،
'تنهنڪري تون اکيون ٻوٽي سمهي رهـ
'توکي وڏي هوندي ڏاڍا اوجاڳا ڪرڻا آهن

" ۽ پنهنجي ملڪ جو سهاڳ واپس ونئو آهي،
"تنهنڪري هينئر تنهنجو ڪري وٺ! سنهنجا لال!"

اسان جو گهر ٻه پنهنجي وطن جي پيار ۽ خدمت ۾ پوئتي ڪونه هو.

[ماڏيءَ سنهنجا سومرا، مارو ته ميرو (شاهه)]

سنهنجي ماءُ ناني ٻه مونکي اهاڏيءَ لولي ڏينديون هيون، ۽ ان لولي جا اکر اڄ تائين سنهن جي ڪنن ۾ پيا ٻرن. سنهنجي ماءُ جو چاچو ايڪسيوهن هڪ وڏو وطن دوست، ۽ سرويچ ٿي گذريو آهي. جڏهن اسان جي ساڻهن ڏکڻ طرف دي ٿيم نالي جوڌي جي اڳواڻي هيٺ وطن جي ويري فرينچن خلاف بغاوت ڪئي، تڏهن هو سڀ ڪم ڦٽا ڪري گهر گهاٽ ڇڏي، وڃي ساڻن شامل ٿيو.

پر افسوس جو ان جدوجهد جو ڪوبه ظاهري جلد نتيجو نه نڪتو ۽ کيس گرفتار ڪري ٻيو ڪتب واري پيٽ جي قيد ۾ وڌائو. تيٺ کيس ڏکڻ اين علائقي جي فرينچ حاڪم اڳيان پيش ڪيو ويو. اتي ساڻس تمام گهڻيون غتوبتون ۽ قهر ڪيا ويا ته جيئن هو مجبور ٿي قومي بغاوت جا راز فاش ڪري ۽ گوال ۽ چغل پنهنجن سائين ڪي جهلائي، پر هن آڻ نه سڃي:

[جي لوڻ لڳين لائين چيري چم،
اون ڪر آڳي نه ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم،
ان جان دعوا دم تان تان پرت پنهوارن سان. (شاهه)]

هن پنهنجي ڄڀ ڏندن جي وچ ۾ ڪري، وڏي زور ڏنو ته سندس ڄڀ جو اڳيون ٽڪر وڃي پٽ تي ڪريو. "هاڻ نه هوندو بانس ته وڄندي بانسري." ڄڻ جوٺي وانگر ٽڪا هڻي ڄڀ ۽ ٽڪو هو ڳالهائڻ تي سگهيو!

گورنر اها حالت ڏسي ڏڪي ويو. ماڻهو دنگ رهجي ويا. سپاهي کي پڪ ٿي ويئي ته هن کان ڪابه ڳالهه پڇڻ ڄڻ "پهڻ کان پير گهرڻ" ٿيندو. تنهن ڪري کيس جلاوطن ڪري ڇڏيائون.

اسان جو خاندان هڪ معزز خاندان هو. اسان جي ملڪ جي لبي گهراڻي جي حڪومت جيڪا ١٤٢٨ کان ١٥٢٧ تائين قائم رهي، تنهن ۾ اسان جي خاندان جا ڪيترائي ماڻهو وڏن عهدن تي هئا. پر منهنجي پيءُ شروعاتي زندگي ڏاڍي غربت ۾ گذاري. جڏهن منهنجي ڏاڏي ۽ ڏاڏو وفات ڪري ويا، تڏهن بابا سائين اڃا ننڍي ڄمار جو هو. مائٽن جي مري وڃڻ ڪري بابا سائين پنهنجي ماٽيلي ڀاءُ وٽ اچي رهيو. منهنجو چاچو سخت طبيعت جو ۽ ڏاڍو ظالم انسان هو. سندس زال ڏاڍي خوش ٿي ته گهر ويٺي مفت ۾ نوڪر ملي ويو اٿئون، سو بابا کي نوڪر وانگر وهائيندا هئا. مٿان وري ڇڙٻون، دڙڪا ۽ مار به ڏيندا هئس. تنهنڪري

بابا جي زندگي وهه تي پيئي. گهر جو رڌو پڪو بابا ڪندو هو، هڪڙي ڀيري سندس رڌل ڀوڙ چاچيءَ ڪنهن ڪونه وڻيو، سو ڪاوڙ ۾ رڙيون ڪري، ڀوڙ جو گرم ديڳڙو ڪٺي بابا مٿان هاريائين. بابا سڄو سڙي ويو. پنهنجي بي عزتيءَ جو گهڻو ڏک ٿيس، سو پڪو پهه ڪيائين ته "هن ظلم مان ڪيئن به ڪري جان ڇڏائجي."

انهيءَ جو رڳو هڪڙو اهو طريقو هو ته ماڻهو پڙهي. ڇو ته ان وقت پڙهيل ماڻهن جو ڏاڍو قدر هو. سو بابا به پڙهڻ جو فيصلو ڪيو. ان ڏينهن ڳوٺ ۾ "هانگ ايڪس چائو" نالي هڪڙو اُستاد آيو هو. جو هتي جي ڇوڪرن کي پڙهائيندو هو. بابا وڃي سندس شاگرد ٿيو ۽ صبح ڪانئس سبق وٺي مال ڪاهي جهنگ ۾ چارڻ ويندو هو. اتي وڃي مال چاريندي پنهنجو سبق ياد ڪندو. ٻئي ڏينهن وري استاد کان سبق وٺندو هو.

دماغ اڳي ئي سٺو هوس. وري جو زات ڏينهن محنت ڪيائين ته ٿورن سالن ۾ گهڻو ڪجهه پڙهي ويو. ائين جڏهن استاد هانگ پنهنجي ڳوٺ واپس وريو ته چاچا کان بابا جي ٻانهن گهريائين ته "ڇڏينس ته وڃي پڙهايانس." چاچي اڳي ئي بابا مان بيزار هئي، سو چاچا يڪدم موڪل ڏنس.

هاڻي بابا "چائو" ۾ وڃي رهيو. اتي هو استاد جو

Gul Hayat Institute

مال ۾ چاريندو هو ۽ وٽس پڙهندو به هو ۽ جلد ئي تمام هوشيار ٿي ويو.

هانگ کي ٻه نياڻيون هيون. سندس وڏي ڌيءَ بابا تي ساهه چڙهيندي هئي. هانگ پنهنجي نياڻيءَ جو خيال ڏسي پنهنجي زال کي چيو ته هن جو سگ ڪٿي فلاڻي کي ڏيونءِ! هانگ جي زال اها ڳالهه ٻڌي باهه ٿي ويئي ۽ چئي "چئي مت ته ڪانهي ڪٿي ائين؟ خسيس نوڪر کي ڌيءَ جي سگ ڏيڻ جو ڪهڙو لاچار ائيون. ڳوٺ جا ٻيا نوجوان مري ويا آهن ڇا؟"

هانگ پنهنجي زال کي سمجهايو ته ڇوڪرو ڏاڍو عقلمند ۽ محنتي آهي. منهنجي خيال ۾ ته ايندڙ مقابلي واري امتحان ۾ شايد سنو ڪامياب ٿئي ۽ ڪنهن اعليٰ عهدي تي پهچي وڃي."

نيٺ گهڻي بحث کان پوءِ منهنجي ناني‌ءَ بابا کي ڌيءَ جو سگ ڏنو. هانگ کين پنهنجي باغ ۾ رهڻ لاءِ جهوپڙي نهرائي ڏني ۽ ڪجهه زمين به پوک لاءِ ڏني. منهنجي وڏي ڀيڻ تنهه ۽ وڏو ڀاءُ ڪيم انهيءَ جهوپڙيءَ ۾ ڄاوا نپنا.

١٨٩٧ ۾ بابي کي يونيورسٽي مان بي اي جي ڊگري ملي. تنهن کان پوءِ اما "هيو" شهر ويئي هلي. آءٌ پنهنجي ناني وٽ رهيس. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ امان موٽي آئي ۽ پوءِ مون کي به پاڻ سان "هيو" شهر وٺي ويئي. بابا پڙهڻ ۾ لڳو پيو هو. پهرين

Gul Hayat Institute

گيا ڪاليج ۾ ۽ پوءِ زرعي ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. ١٩٠٠ ۾ ابا امتحان لاءِ تنهن شهر ويو ۽ وڏي ادا کي به وٺي ويو. امان گهر هئي ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هوءَ بابا جي غير حاضريءَ ۾ فوت ٿي ويئي. پوءِ بابا مونکي پاڻ سان وٺي نانيءَ وٽ ڇڏي آيو. پاڻ دارالحڪومت هليو ويو، جتي وڃي ڊاڪٽريءَ جي سند حاصل ڪيائين. تنهن کان پوءِ جڏهن بابا موٽي ڳوٺ آيو، تڏهن بابا جي اچڻ جو ٻڌي سڄي ڳوٺ جا ماڻهو مکڙن وانگر مڙي ويا. انهيءَ زماني ۾ ڊاڪٽري جي ڊگري وٺڻ وڏي ڳالهه هئي. ڳوٺ جي ماڻهن بابا کي چيو ته "اسين تنهنجي ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ ڪاڄ ڪنداسين." پر امان جي وفات جو زخم اڃا بابا جي دل تي تازو ئي هو. سو کين چيائين ته "هڪ ته منهنجي زال گذاري ويئي آهي، ٻيو ته مون غريب وٽ رهڻ لاءِ جهوپڙي به ڪانه آهي، سو ڪاڄ وارن ڀيٽرن ماڻهن کي ڪٿي ويهاريندس؟" پر ڳوٺ وارا نه مڙيا، چندو گڏ ڪري ڪاڄ به ڪيائون ۽ بابا کي گهر به وٺي ڏنائون.

پوءِ ته اسين هميشه لاءِ اچي "سين" ۾ رهياسين. بابا جي علم جي ڀري پري تائين هاڪ ٿي ويئي، پر بابا کي اها ڪوڙي ڏيکاءُ ويڪ واري حياتي پسند ئي ڪانه هئي.

Gul Hayat Institute

انهن ڏينهن. ڪيترائي پڙهيل نوجوان وطن آزاد ڪرائڻ جي انقلابي تحريڪ ۾ وڃي شامل ٿيا. ان ڪري اسانجي وطن تي زوري راج ڪندڙ فرينچن کي اچي ڊپ لڳو ته متان منهنجو پيءُ به انقلابين سان نه ملي وڃي. تنهنڪري کيس ڪٽي وزير جي سيڪريٽري جو عهدو ڏنائون. بابا نوڪريءَ جي ڪري وڃي "هيو" ۾ رهيو، ۽ اتي تعليمي ڪم ۾ جنبي ويو. سن ١٩٠٩ ۾ کيس "بن ڪيچ" جي علائقي جو وڏو آفيسر مقرر ڪيو ويو.

نئين عهدي سنڀالڻ کان پوءِ بابا ڪيسن جي فيصلن جو نئون طريقو اختيار ڪيو. جڏهن به اتي جا ماڻهو ڪنهن تڪرار جي فيصلي ڪرائڻ لاءِ وٽس پيش ٿيندا هئا، ته بابا کين کيس هلائڻ کان پهرين چوندو هو:

"ابا ڇو نا پنهنجا گهر ڦٽايو، ڏاهـا ٿيو. پاڻ ۾ ٺهي وڃو!" نيٺ کين ڳالهيون ٻولهيون ڪرائي، سندن پاڻ ۾ صلح ڪرائي، کين گهر اماڻيندو هو.

هڪڙي ڀيري "بن ڊير" علائقي جو فرينچ ريزيڊنٽ دوري تي "بن ڪيچ" آيو ۽ اتي جي ماڻهن کان پڇائين ته "هتي جو آفيسر سواءِ ڪيس هلائڻ جي ماڻهن جا فيصلا ڪري ٿو ڇڏي، ۽ ماڻهو به سندس چيو مڃين ٿا." اهو پڌي هن سوچيو ته "مارا- هـي ماڻهن کي پڌي ۾ اتفاق پيو سيکاري، انهن ماڻهن جو پاڻ ۾ ٺهڻ

ته اسان لاءِ نقصانڪار ۽ ڏاڍو خطرناڪ ثيندو.“ سو هڪدم ڪونه ڪو ٿيو ڪري بابا کي نوڪريءَ تان لاهي ڇڏيائين. بابا پنهنجي ڳوٺ موٽڻ بدران پرڀاهروئي-ڏکڻ ونئنام ڏانهن هليو ويو، ۽ وري نه موٽيو؛ ۽ نه وري سچي حياتي اسان سندس منهن ڏٺو:

[آديسي آديس، هئائين ڪري هليا،
ڪاپڙين قلب ۾ ڪيو ڏوراڻو ديسُ،
ويراڳي نئون ويس، راول ڏيکي رميا.

...........

نانگا نانيءَ هليا، ويچارا ويا،
هو جي هت هئا، آءٌ نه جيئندي آن ري. (شاه)]

هڪڙو ماڻهو جيڪو ويٽنام جي ڪنهن بئنڪ ۾ نوڪري ڪندو هو. تنهن هڪ دفعي مونکي چيو ته ”مون تنهنجي پيءُ کي سائيگان شهر ۾ ڏٺو آهي. هو عام ڳوٺاڻن وانگر رهندو ۽ سادا ڪپڙا پائيندو آهي. رکي سکي تي وقت گذاريندو ۽ ماڻهن جو علاج مفت ۾ ڪندو آهي. مندرن ۽ اسڪولن ۾ ماڻهنءَ کي مفت پڙهائيندو آهي. جنهنڪري ماڻهن عبادتگاهن ۾ رهڻ لاءِ جاءِ ڏني اٿس، اتي پيو رهي.

بابا کي گهمڻ ڦرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هو

هميشه پري پري علائقن ۾ گهمڻ ويندو هو. انهن علائقن ۾ مڇرن جي مصيبت هوندي هئي. ماڻهو مڇرن کان بچڻ لاءِ سرن جي نهيل تنبوءَ ۾ سمهندا آهن. بابا هڪڙو ”سرن جي تنبوءَ وارو ڊاڪٽر.“ سن ١٩٣٠ ۾ بابا وچولي ويٽنام ۾ پنهنجي ڪنهن دوست سان ملڻ لاءِ ”چاءِ ڊاڪ“ ۾ ويو ته واٽ تي بيمار ٿي پيو ۽ رستي تي ڪري بيهوش ٿي ويو. ”نام گياڌو“ نالي هڪ شخص ڪيس سنڀالي ورتو ۽ ڪيس گهر ڪٺائي ويو. نيٺ هو هوش ۾ آيو، پر دوا پيئڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. پوءِ ڪيس مندر ۾ وٺي ويا، جتي هو ڪجهه ڏينهن گذاري ويو.

[ڪچين ڪاچوٽي، نانگن پڏي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موٽي،
تنين جي چوٽي، پورب ٿيندي پڌري! (شاهه)]

جڏهن بابا ذڪر پاسي پٽڪندو هو. تڏهن منهنجي پيءُ ٿنهه، ياءُ اروڪيم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ آزادي پسندن سان جدوجهد ۾ مشغول هئا.

اُدي ٿنهه ڪلمڪ ۽ ڏاڍ زال هئي. ڪيس چيني ٻولي ڏاڍي سٺي پڙهڻ ايندي هئي. طبابت ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هئي. هن ”ونهن“ شهر ۾ هڪڙو مسافرخانو

Gul Hayat Institute

ڪوليوءَ جتي آزادي پسند سپاهي اچي ٽڪندا هئا ۽ هوءَ کين ڳجهه ڳوهه ۾ هٿيار پنوهارَ ڏيندي هئي. هوءَ اتان جا ٽپڙ ٽاڙي ۽ سامان سڙو کڻي اچڻ لاءِ ”هيو“ ويئي. پر سندس اصل مطلب پيو هو. حقيقت ۾ کيس ”هيو“ جي انقلابي وطن دوستن کي هٿيار پهچائڻا هئا. نيٺ هڪڙي ڏينهن هوءَ پڪڙجي پيئي ۽ جلاوطنيءَ جي سزا مليس. گهڻي وقت کان پوءِ کيس وطن اچڻ جي اجازت ملي. پر سندس اٿڻ ويهڻ ۽ چرپر تي سخت بندش وڌي ويئي. اُن کيس هلندي فرينچ مئجسٽريٽ شاهديون پڌي ٻاهه تي ويو ۽ ادي کي چيائين ته ”جڏهن پيون زالون پيٽ سان ٽيڻديون آهن ته سندن پيٽ سان ٻار چمندا آهن. پر تون اهڙي رهزن آهين جو جي تون پيٽ سان ٽيندينءَ ته تنهنجي پيٽ مان ٻارن بدران خوفناڪ هٿيار نڪرندا.“

آگسٽ واري انقلاب * کان پوءِ هوءَ مون سان ملڻ آئي ۽ منهن جي لاءِ ٻه بدڪون ۽ ويهه ڪڪڙ جا آنا سوکڙي ڪري کڻي آئي.

مون ٻڌو هو ته ادي ”ٿنه“ قوم جواني ۾ هئي، تڏهن هڪڙي نوجوان ڏانهن پيار جو هٿ وڌايو. انهن ڏينهن اديءَ جي چرپر تي بندش هئي. جڏهن

---

* جڏهن هوچي مِن صدر ٿيو. سنڌيڪار

Gul Hayat Institute

اهو نوجوان هڪ ٻه دفعا پاڻس اچي مليو. ته ضلع جي آفيسرن کي شڪ پيو ته متان هي ڪو انقلابي قاصد هجي، سو کيس گرفتار ڪري تمام گهڻيون تڪليفون ڏنائون، انهيءَ وچ ۾ هن جو پيءُ گذاري ويو. پر کيس پنهنجي پيءُ جو آخري دفعو منهن ڏسڻ به نه ڏنائون. آخر ادي آتي جي آفيسرن وٽ، ويئي ۽ کين چيائين ته ”هن کي ڇڏيو ته پنهنجي پيءُ جو آخري دفعو منهن ڏسي ۽ ڪلهي ڪاندي ٿئي. هن جي بدران مون کي ڪٺي قيد ڪري ڇڏيو.“

اها ڳالهه ٻڌي آفيسر کي ڪو قياس اچي ويو ۽ هن انهي نوجوان کي آزاد ڪري ڇڏيو. جڏهن اهو نوجوان آزاد ٿيو ته اديءَ کيس چيو ته ”توُن وري مون سان ملڻ نه اچجان! منهنجي ڪري پنهنجي زندگي عذاب ۾ نه وجهه.“

اها ڳالهه پري تائين پکڙجي ويئي.

مادر وطن ويتنام جي سرزمين کي هميشه پنهنجي ڌيءَ جي متان ناز رهندو. هر هند منهنجي ڀيڻ جي بهادري ۽ حب الوطنيءَ جي هاڪ هوندي هئي. پر ڪنهن به پڙهيل ڳڙهيل نوجوان کي همت نه ٿي جو منهنجي ڀيڻ جو سڱ گهري. ڇو ته منهنجي ڀيڻ سان شادي ڪرڻ جي معنيٰ هئي موت کي دعوت ڏيڻ، يا گهٽ ۾ گهٽ نوڪري وڃائڻ ۽ گذر ڪرڻ لاءِ همت ڪٺڻ. منهنجي ڀيڻ جڻ پنهنجي وطن ويتنام سان نڪاح

ڪري ڇڏيو ۽ سڄي عمر شادي ڪين ڪيائين.

منهنجي ڀاءُ "ڪيم" فرينچ گورنر جنرل "البرٽ سروئٽ" کي ويٽنام جي عوام تي ٿيل ظلمن خلاف زبردست احتجاج جو خط لکي موڪليو. ان تان فرينچ ڊپٽي ريزيڊنٽ ڪيس سڏائي ٿڏن سان ماريو، ۽ سندس ماڻهن ڪيس ٽنگن کان جهلي فرش تي گهليو.

ادي "ڪيم" به سڄي عمر شادي ڪا نه ڪئي ۽ پنهنجي سڄي عمر عوام جي تعليم لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. ١٩٥٠ ۾ وفات ڪئي.

منهنجو پيءُ ڏکڻ ويٽنام ۾ سالن جا سال ڀٽڪندو رهيو ۽ آخر پرديسي ٿي پرديس ۾ مري ويو.

مون توهان کي پنهنجي ڀاءُ ۽ ڀيڻ سان ڄاڻ سڃاڻ ڪرائي آهي. پر منهنجي ننڍپڻ، جواني ۽ انقلابي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جي ڳالهه ڪانه ٻڌائي آهي. اهو داستان ڏاڍو حيرت ۾ وجهندڙ آهي. اهو داستان ڏکن برابر آهي، پر ڏاڍو ٻڌڻ وارو آهي. سو ڌيان ڏيئي ٻڌو:

ماڻس منهنجو نالو "نگوين سنهه ڪنگ" رکيو هو. منهنجي ناني چوندي هئي "تنهنجي ماءُ جي ڇاتين ۾ ايترڙي ٿڃ کانه هوندي هئي، جنهن مان توکي ڍءُ ٿئي. تنهنڪري تون سدائين ماءُ کي چهٽو پيو

Gul Hayat Institute

لهڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. ويچار ڪندو هوس، ته ”اهي ڪيئن پيدا ٿيون ۽ ڪٿان آيون ۽ اسان تائين ڪيئن پهتيون“ مثلا سوچيندو هوس ”ڪڪر ڇا آهن هوا ڇا آهي، ڪيئن ٿي لڳي؟“

هڪڙي ڏينهن مون ڪنوڻ جي گوڙ بڌي ۽ انهيءَ تي ويچار ڪيم ته ڇا ڳالهه آهي، پر اها ڳالهه منهنجي ننڍڙي ذهن کان تمام مٿي هئي. هڪڙي پڙهيل ماڻهوءَ کان پڇيم ته ”گوڙ ڪٿان ٿي اچي؟“ اها ڳالهه ٻڌي هو حيران ٿي ويو پر پوءِ چيائين ”آسمان مان.“ ته اها ڳالهه ٻڌي مون کي عجب لڳو ۽ پڇيومانس ”ڇا آسمان وارا ماڻهو به پنهنجي آزاديءَ لاءِ جنگ پيا ڪن؟“

منهنجو سوال ٻڌي هو منجهي پيو. پهريائين ڪجهه سوچڻ لڳو ۽ پوءِ مشڪي ڪٿي چپ ڪيائين. شايد سمجهائين ته ”هي ٻار چريو آهي.“

تن ڏينهن ”فان ڊنگ ڦنگ“ جي هٿ هيٺ ”هائنم“ علائقي ۾ ”هونگ“ جي اڳواڻيءَ ۾ ”ين ٿي“ علائقي اندر فرينچ سامراجين خلاف بغاوت جي باهه ٻري پئي. ”هائنم“ ۽ ”ين ٿي“ علائقن جا ماڻهو پنهنجا سر آزاديءَ تي قربان ڪري، ظالم دشمن جي خلاف مورچو بنايو ويٺا هئا. انهن ڏينهن مون کي آزادي لاءِ لڙندڙ مجاهدن جي باري ۾ گهڻي خبر ڪانه هوندي هئي، پر تنهن هوندي به سندن بهادريءَ ۽ دليريءَ جون ڳالهيون

ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندو هوس.

منهن جي رڳ رڳ ۾ اها ڳالهه گهر ڪري ويئي ته منهنجو پاڪ وطن جي هي زمين ڌارين جي غلام آهي ۽ ڪيس هر قيمت تي آزاد ڪرائڻو آهي.

منهن جي عمر ست يا اٺ سال هئي. اسين بابا سان گڏ "هيو" ۾ اچي رهيا هئاسين. "هيو" پهچڻ تي مون تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. منهن جو وڏو ڀاءُ پڻ مون سان گڏ هو. اسين ڪلاس ۾ ڪجهه پڙهڻ بدران گهڻو وقت گهمڻ ڦرڻ ۾ مشغول هوندا هئاسين. منهن جي دوستن مان هڪڙي جو پيءُ هڪ ننڍڙي علائقي جو حاڪم هو، وٽس هڪ ننڍو ڪو خچر هو. اسين ان خچر تي چڙهيو مزي سان چڪر پيا هڻندا هئاسون.

"هيو" ۾ مون ڪيتريون اهڙيون شيون به ڏٺيون، جيڪي مون اڳي پنهنجي ڳوٺ ۾ نه ڏٺيون هيون. اتي مون وڏا وڏا قلعا، وڏا وڏا گهر ۽ فرينچ سپاهين جا وڏا وڏا ميڙ ڏٺا. اهي سپاهي گهڻو ڪري نشي ۾ چور هوندا هئا. سندن ڪنڌ اڪڙ ۾ مٿي هوندا هئا. هو ائين هلندا هئا ڄڻ ويٽنام جو ملڪ سندن اباڻي جاگير آهي. آءٌ سندن اڪڙ ۽ رعب ڏسي ڏاڍا خار ڪائنيدو هوس. هٿن جون مٺيون بند ٿي وينديون هيم. مون کي سندن وجود گندو ۽ خراب ٿي لڳندو هو. منهنجي ته دل چوندي هئي ته "ڪين ماري ساري

Gul Hayat Institute

اڏ مٿو ڪري ڇڏجي ته جيئن سندن غرور ۽ آڪڙ
۾ ڀڃڪڙ ڪندڙ هيٺ ٿي وڃن ۽ کين خبر پئجي وڃي
ته ٻين جي ملڪ تي فخر ۽ غرور ڪرڻ جي ڪهڙي سزا
آهي.“ پر سوچيندو هوس ته ”منهنجا هٿ اجا ننڍڙا
آهن ۽ فرينچ سپاهي پربت جيڏا وڏا ۽ ٻنڊن جهڙا
ٿلها.“ دل ۾ سوچيندو هوس ته ”شال آءٌ به ايڏو وڏو
هجان، جيڏا اهي سپاهي آهن ته جيڪر کين آڪڙ ۽
غرور جو مزو چکائي سگهان.“ پر هر ڪم جي لاءِ
هڪ وقت مقرر هوندو آهي ۽ منهنجي دل جي آس پوري
ٿيڻ لاءِ به وقت کپندو هو.

مون کي پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو ۽
آکاڻيون ۽ قصا جام پڙهندو هوس. مون ڪيتريون ئي
آکاڻيون ۽ قصا وري وري پڙهيا. آءٌ پڙهندو به گهڻو
هوس ۽ راند به گهڻي ڪندو هوس. آءٌ شطرنج جو
ڏاڍو شوقين هوندو هوس. پاسي واري جبل تي چڙهڻ
۾ ڏاڍو مزو ايندو هوم. جبل تي چڙهي چوڌاري نظر
ڊوڙائيندو هوس ته هيٺ راند ڪرڻ لاءِ ڪو وڏو
صاف ميدان ملي وڃي، پوءِ هيٺ لهي وڃي اتي راند
ڪندو هوس. ڪڏهن آءٌ پنهن جي هڪ
جيڏن سان گڏجي آسپاس جي ڳوٺن ۾ گهمڻ به
ويندو هوس.

مون کي اسان جي ملڪ جي شاعر ”توئي دين“
جي هڪڙي ڪلام جون هيٺيون مصرائون ڏاڍيون

وڌنديون هيون. اهي مون باباڪان ٻڌيون هيون ۽ هميشه پيو ڳائيندو هوس.

”ياد رک! تو وٽ تنهن جو عقل ۽ تنهن جو علم
”تنهنجي وطن ۽ قوم جون امانتون آهن!
”امتحان پاس ڪري، وطن جي ويرين وٽ ڪرسي ماڻڻ،
”تنهن ڪان وڏي بي حيائي، ذلالت ۽ غداري ٻي ڪانهي،
”پنهنجي علم کي پنهنجي وطن جي قسمت نصيب سنوارڻ لاءِ وقف ڪر!
”پنهنجي حياتيءَ جي پل پل سان
”قوم جي تاريخ ۾ سونهن ۽ سينگار پيدا ڪر!“

انهيءَ زماني ۾ اسان جي قوم کي غلام بڻائيندڙ فرينچ سامراجين اسان جي ملڪ تي قبضو سخت ڪرڻ ۽ پنهن جو مال وڌيڪ ڦهلائڻ ۽ وڌيڪ نفعو ڪمائڻ لاءِ اسان جي ملڪ جي ”ڪوراٿو“ صوبي جي شاهي سڙڪ جي ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪيو ۽ اسان جي ماڻهن کي زوريءَ جهلي ڪم ڪرايو. ارڙهن سالن جي نوجوانن کان وٺي پنجاهه سالن جي پوڙهن کي به بيگر ۾ تي وهاياڻون. ڪوراٿو صوبو اسان جي ڳوٺ ڪان تي چار سؤ ڪلوميٽر پري ليم دريا جي پرسان، ويتنام ۽ لائوس جي سرحد وٽ آهي. ڪوراٿو جي آب هوا تمام خراب آهي. تنهنڪري اسان جا ماڻهو اتي ڪم ڪرڻ ڪان ڊڄندا هئا. پر ظالم حاڪمن اڳيان ڪنهن به ڪنڌ نتي ڪيايو. ڪين ڪاٿڻ لاءِ تمام خراب ماڻي ڏيندا هئا. هو بيمار ٿيندا هئا ته

Gul Hayat Institute

دوا درمل جو ڪوبہ بندوبست نہ هو. گهڻا ويچارا ماڻهو مارن ۽ ظلمن ڪري مري ويا. باقي جيڪي بچيا ۽ موٽي گهوٽ آيا سي بہ چڱي هڏن جا پڃرا ٿي، ٿي ”موتيا ۽ قسمين قسمين بيمارين ۾ ورتل هوندا هئا. چوڻ“ لڳا:

”ڪورائو صوبي ڏانهن وڃڻو پوي تہ اوڏانهن پاڻ شان بہ تڏا ضرور کڻيو وڃجن. هڪڙو سمهڻ جو ڪم ڏيندو ۽ ٻيو ڪفن جو.“

ڪيترن ماڻهن ڪورائو وڃي ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اهي فرينچن جي ظلمن کان جهنگ ۾ لڪي ويا. جڏهن آڌي رات ٿيندي هئي تہ هو موٽي گهر ايندا هئا. دشمنن کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر پئجي ويئي. سي آڌي رات جو اوچتو حملو ڪندا هئا ۽ انهن ماڻهن کي پڪڙي، ماري گهلي وٺي ويندا هئا.

پنهنجي قوم ۽ وطن وارن تي جڏهن اهي ظلم ٿيندا ڏسندو هوس. تڏهن منهنجي دل مان دانهون نڪري وينديون هيون. سچ ڪري پڇو تہ مون کي پنهنجي ماءُ جي مري وڃڻ جي ڏک کان بہ وڌيڪ پنهنجي وطن وارن تي ٿيندڙ ظلمن جو ڏک ٿيندو هو. ماڻهن جي دلين تي نااميديءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا. ”وان ٿان“ جي تحريڪ ناڪام ٿي ويئي هئي ”هانتہ“ صوبي ۾ ”ڦان دن ڦنگ“ جي اڳواڻيءَ هيٺ بغاوت ڪرڻ انهيءَ ڪوشش ۾ هو تہ دشمنن تي سندن وڏي (قومي)

مئي ١٩٠٤ ۾ هن چونڊ چونڊ ماڻهن جو هڪ ميڙ ڪوٺايو. جنهن ۾ هڪ آزاديءَ جي ڪائونسل نالي ۽ شهزادي ”ڪائونگ ڊي“ کي ان جو باقاعدي اڳواڻ چونڊيائون. اها ڪائونسل پنهنجي ڪم کي لڳي ويئي. انهيءَ ڪائونسل جيڪو ڪم جو طريقو ۽ رستو ورتو، تنهن ۾ ٻه ڳالهيون غور ڪرڻ جهڙيون هيون. هڪ ته هن فيصلو ڪيو ته ”پنهنجي ملڪ جي نوجوانن کي پڙهڻ لاءِ ٻاهر موڪلي“ ۽ ٻيو ته دوست ملڪن کان مدد وٺجي.

١٩٠٣ ۾ ڦان بوئي جپان ويو، جتي هن ڪيترن سياستدانن سان ملاقاتون ڪيون ۽ مدد جا وعدا وٺي پنهنجي ملڪ موٽيو. هن اينديئي شهزادي ڪائونگ ڊي کي چيو ته ”هو سڄي ملڪ جو دورو ڪري ڳولهائي ته ڪهڙا ڪهڙا نوجوان ٻاهر وڃڻ جي لائق آهن.“ انهيءَ لاءِ اسان پنهي ڀائرن کي به چونڊيائون پر اسان ٻاهر وڃڻ کان انڪار ڪيو، ڇو انهيءَ ڪري نه ويس جو مونکي ڦان بوئي جو ڪم جو طريقو نٿي وڻيو. باقي هونئن ته ٻاهرين ملڪن گهمڻ جو ڏاڍو شوق هئم. نين نين جاين ۽ ملڪن گهمڻ لاءِ دل تپ ڏيندي هئم.“ پر انقلابي اصول ۽ ذاتي خواهش ٻه جدا شيون آهن. ذاتي خواهش کي انقلابي اصول خاطر قربان ڪري سگهجي ٿو ۽ ضرور قربان ڪرڻ گهرجي. انقلابي اصول هڪ اهڙو آلهه ساڌڪ آهي، جنهن کي

ڪنهن به قيمت تي هٿان وڃائڻ نـه ڪپي. ننهن ڪي پلا ذاتي خواهش جهڙي خسيس شيء تي ڪيئن قربان ڪبو؟ آءٌ ڦان برئي چاڏو ڪـي تمام وڏو محب وطن سمجهندو هوس پر سندس ڪم ڪرڻ واري طريقي ۾ بي‌انداز خاميون هيون. هڪ ته هن تحريڪ جو اڳواڻ هڪ شهزادي کي ڪيو. پلا هڪ شهزادي جو عوامي تحريڪ جي اڳواڻيءَ سان ڪهڙو واسطو؟ ڪيس تحريڪ جو ميمبر ڪيو وڃي ها ڪا اِربع خطا ڪانه هئي. پر تحريڪ جون واڳون ڪيس هرگز نه ڏجن ها. اها هڪ ڳالهه جهڙي ڳالهه پئي لڳي. ٻي ڳالهه ته ڦان بوئي جاپان جي مدد تي پاڙيو ويٺو هو. انهيءَ ڪري آءٌ جپان ڪونه ويس.

انهيءَ زماني ۾ اسانجي ڳوٺ ۾ هڪڙو واقعو ٿيو. ٻڌوين جي هڪ سرڪاري آفيسر کي ڪنهن ڪن ۾ ڦوڪ ڏني ته "اسانجي ڳوٺ جو چڱو مڙس بغاوتون پيو ڪرائي. سو هن اسانجي ڳوٺ جي چڱي مڙس جي گرفتاريءَ جو وارنٽ ڪڍيو. اسان جي ڳوٺ جو چڱو مڙس ڏاڍو نيڪ ۽ اشراف ماڻهو هو. هو اسان جي ڳوٺ جي ماڻهن کي صلح سانت سان پيو هلائيندو هو. آءٌ اهو ظلم ۽ بي انصافي سهي نه سگهيس ته ڪنهن اشراف ماڻهوءَ کي ڪوڙين ۽ بي بنياد ڳالهين تي جهلي جيل اماڻيو وڃي. تنهنڪري وڏيري جي بدران مون پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو. جڏهن

آفيسر اها ڳالهه ٻڌي، تڏهن سندس ٽپ ٽري ويا ۽ هو سمجهي ويو ته انهيءَ ڳالهه تان ماڻهن ۾ جوش جاڳندو ۽ بغاوت ٿيندي. تنهنڪري هن گرفتاريءَ جو وارنٽ واپس ورتو.

خير انهيءَ ڳالهه کانپوءِ آءٌ "هيو" هليو ويس، جتي وڃڻ سان باقاعدي پڙهڻ تي ڌيان ڏنم. "ديتيم" ٽولي وارا وطن دوست مجاهد اچا تائين سامراجي فرينچن کي لڳا پيا هئا. هتي هڪڙي چڪريءَ ۾ ڪن فرينچن کي ڪٺي پڪڙيو ۽ قيد ڪيو. قيد ۾ ڪين اهڙوئي ڪاڏو ۽ ڪپڙو ڏيندا هئا، جهڙو عام ويٽنامي عام طرح کائيندا ۽ پهريندا آهن. ڪين ڪم به اهڙوئي ڪرائيندا، جهڙو پيا ويٽنامي هنارتي ڪندا هئا. يعني پيرٻن اگهاڙو مال چارڻ، ڪيئڙڻ، وهراج ڪرڻ، پاڻي ورائڻ وغيره. جڏهن اها خبر ٻين ويٽنامين ٻڌي ته اهي ڏاڍا خوش ٿيا.

گاديءَ جي شهر "هيو" جي صورت بدلجندي ويئي. "رينگ تين" جي پل کان پوءِ سرهاڻ نديءَ تي بيجوهو پل ٺهي. "هيو" شهر کي ٻين شهرن سان ڳنڍڻ لاءِ ريلوي لائينون پڻ ٺهيون. فرينچن جو تعداد پڻ وڌيو هاڻي ته هو ايترا گهڻا ٿي ويا هئا، جو هتي جا اصل رهاڪو ٿي اهي هئا. هن عيش عشرت پئي ڪئي، پر اصل گهر ڌڻين سان ويل ويا وڌندا. ڍلون ۽ محصول ويا وڌندا - رڳو ڍلون تي

محصول ڏهن سالن اندر اڳي کان ڏهوڻو ٿي ويو. ماڻهن جي نفرت ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وئي. دشمن کي انهن حالتن جي چڱي پر ڄاڻ هئي ۽ دپ ٿيڻ لڳن . ١٩٠٧ ۾ هنن شاهه ٿن ٿائيءَ کي تخت تان زوريءَ لاهي سندس پٽ کي تخت تي وهاريو. انهيءَ سان گڏ هڪ حڪم جاري ڪيائون ته ” رات جو هرڪو ماڻهو پاڻ سان بتي کڻي هلي. جيڪو ماڻهو انهيءَ حڪم کي نه مڃيندو، تنهن کي جهلي جيل ۾ وجهبو.“ ماڻهن لاءِ وڏو آزار ٿي پيو. پريل بتي هٿ ۾ کڻي هلڻ ماڻهن لاءِ وڏو عذاب ٿي پيئي، ڇو ته گهڻي هوا لڳڻ ڪري بتي وسامي ٿي پيئي.

تن ڏينهن ”ڦان بوئي چائو“ جپان ۾ هو ۽ اتان فرينچن خلاف نئيا نئيا ڪتابڙا لکي موڪليندو هو. انهن ڪتابڙن ۾ ويٽنامين کي وطن جي آزاديءَ لاءِ، فرينچن سان وڙهڻ لاءِ جوش ڏيارينده هو.

انهيءَ وچ ۾ نئين ڪائونسل ڏاڍو زور ورتو. اها نئين تعليم حاصل ڪرڻ جي فائدي ۾ هئي. ان جو چوڻ هو ته ”جيڪڏهن جهالت ختم ٿي ته غلاميءَ جُي اونداهي به ازخود ختم ٿي ويندي.“ هاڻي ماڻهن فيشن پئي ڪيا، نئيا وار پئي رکايا، ديسي ڪپڙا پئي پاتا، پراڻين رسمن کي ختم پئي ڪيو ۽ تعليم لاءِ نوان نوان اسڪول پئي کوليا. هو ڳرين ڍلن ۽ محصولن خلاف

مظاهرا ڪرڻ لڳا. انهن مظاهرن جو اثر ويٽنام جي سيني شهرن تي ٿيو. اپريل جي شروع ۾ صوبي "ٿوٿين" جا رهاڪو به مظاهرن ۾ شامل ٿيڻ لڳا. شاگرد انهن مظاهرن ۾ سينئي ڪان اڳتي هئا. فرينچن اٺن سالن جي بادشاهه "ڊولي تان" کي اڳيان ڪيو ۽ کيس حڪم ڏنو ته باغين کي سمجهائي. بادشاهه فوجي پهري سان ڇهن گهوڙن واري گاڏيءَ ۾ چڙهي ماڻهن کي سمجهائڻ نڪتو هو. اٺن سالن جو ٻار هو. سامراجي فرينچن کيس پتلي ڪري پئي نچايو. ماڻهن کي خبر هئي ته "هي ٻار ڪهڙي حڪومت پيو هلائي" ٻوليءَ کي پاڻ خبر ڪانه هئي ته ڇا ڳالهايان؟ هن کي ته رڳو راند جو شوق هو. هن جڏهن ماڻهن جو وڏو ميڙ ڏٺو ته پٺتي ورڻي محل ۾ لڪو. هاڻي "هيو" ۾ زبردست جلسا جلوس پئي ٿيا. فرينچ ڊپ کان پنهنجن گهرن کي ڪلف هڻي، لڪي ويهي رهيا. آخر فرينچ حڪومت فوج گهرائي عوام تي گوليون هلايون. گوليون پل جي ويجهو هلايون ويون سوين ماڻهو مئا ۽ ڦٽيا. ڪي ماڻهو پاڻ سان گڏ فرينچ سپاهين کي به وٺي وڃي گهلي درياءَ ۾ ٽپ ڏيڻ لڳا. سندن مقصد هو ته "اسين مرون ٿا، ڇو نه هنن دشمنن کي به پاڻ سان ٻوڙي ماريون." ٿوري دير ۾ سڄي درياهه جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو.

Gul Hayat Institute

اٿين پئي لڳو ڄڻ درياهه پاڻي جو نه پر رت جو درياهه هو. ٻين صوبن ۾ به تمام گهڻا ظلم ڪيا ويا. ”نهيه ٽريننگ“ صوبي جي عظيم داتا ۽ ”ترآن ڪوئي ڪيمپ“ کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. ٻين ڪيترن ماڻهن کي شهر نيڪالي ڏنائون. هاڻي مون کان اهي ظلم سٺا نه ٿيا. خار ۽ نفرت کان منهنجو رت ٽهڪندو هو.

بابا سائين کي نوڪريءَ تان لاٿو ويو هو ۽ هو هليو ويو هو. مون پڙهڻ ڇڏي ڏنو ۽ ”نوڪ تن“ بورڊنگ اسڪول ۾ ماستري ڪرڻ لڳس. ان اسڪول جو بندوبست ڪائونسلن جي خيالن جي اثر هيٺ ٿيو هو. اسڪول جو سڄو خرچ هڪ واپاري ڪمپني ڏيندي هئي، جا سڄيءَ ملڪ ۾ چانهه ٺاهيندي هئي. مون انهيءَ اسڪول ۾ اٺ مهينا نوڪري ڪئي ۽ آخر آڪٽوبر ١٩١١ ۾ سومر جي ڏينهن، مون ان نوڪريءَ تان استعيفا ڏني. مون ماستري ته ڇڏي ڏني هئي پر ڏاڍو منجهيل پيس. مصيبت اها هئي جو جنهن به تحريڪ ويٽنام جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد تي ڪئي، تنهن شڪست ٿي کاڌي. آءٌ جڏهن به انهن ڳالهين جي باري ۾ سوچيندو هوس ته منهنجي دل لهي ويندي هئي.

تنهن هوندي به منهنجي دل ۾ آزاديءَ حاصل ڪرڻ جي جيڪا آگ پئي جلي، تنهن جي لاٽ کي مون

ڪڏهن به وسامڻ نه ڏنو. وڏي سوچ ويچار، کانپوءِ فيصلو ڪيم ته ”مون کي وطن جا وڻ ڇڏي ٻاهر هليو وڃڻ گهرجي.“

هي ١٩١ جو زمانو هو. چين جا وطن دوست چين ۾ سرمائيداري واٽ وارو جمهوري انقلاب آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا. ان انقلاب جو اثر لازمي طرح ويتنام تي به ٿيو. خير، تن ڏينهن منهنجي مرضي هئي، ته فرانس ۽ ٻين ملڪن جو سير ڪريان ۽ ڏسان ته آزاد ملڪن جا ماڻهو ڪهڙا ٿيندا آهن. آءٌ جوانيءَ ۾ به تمام ماڻهپي طبيعت جو هوس ۽ سانتيڪي نموني رهڻ جي عادت هيم. پر اندر ئي اندر منهنجي دل ۾ اٿاهه جوش ۽ جذبو دٻيل هوندو هو. انهن ڏينهن فرانس وڃڻ ڏکي ڳالهه هئي. تنهن ڪري آءٌ ٻهرين سائيگان ويس ۽ اتي وڃي هڪڙي ٽيڪنيڪل اسڪول ۾ داخلا ورتم. هن اسڪول ۾ داخلا وٺندڙ شاگردن کي گهڻيون سهوليتون ملنديون هيون. ڪين اسڪالرشپ به ڏني ويندي هئي. تنهن کان پوءِ آءٌ هڪڙي جهاز جي ڪمپنيءَ ۾ وڃي نوڪر ٿيس، ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ماٺ مٺيءَ ۾ وطن ڇڏي پرديس هليو ويس.

ماءُ ڪاهوڙي هليا، دکائي دونهان
ڇپر جا سونهان، ڏوٿين ڏٺ ڇپتاريو (شاهه)

تن ڏينهن کان وٺي منهنجي پيرن ۾ جيڪو چڪر

پيو، تنهن مون کي کنهن به هنڌ تي ٺانيڪو ٿي وهڻ نه ڏنو:

کرڪٽا لاهي مک تي، ستا ڪين ڏهن،
اوسيڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو. (شاهه)

منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيتريون ئي لاهيون چاڙهيون آيون. ٻڪرون ڪاٺيم، رولڙا سٺم،. هوٽل جي ٻيراگيري ڪيم، بورچي ٿيس، رستي تان برف ڍوئڻ وارو ٿيس، ريل جي انجڻ ۾ ڪوئلن وجهڻ جو ڪم ڪيم، فوٽو گرافري سکيم، اهڙيءَ ريت مون زندگيءَ جي ڏکن سان مرڪندي اکيون اکين سان ملايون آهن. آءٌ سچ جي ڳولا ۾ ڳوٺ ڳوٺ رليس، ۽ ملڪن جا ملڪ پيرن هيٺ لتاڙيم.

آءٌ خالي، صاف ۽ شفاف دل ۽ پنهنجي سڪ هٿن سان ازلي سچ ۽ ابدي حقيقتن جي ڳولا ۾ روانو ٿيس:

ڪاهوڙين ڪٺي ساجهر ٻڌا سندرا
ڏور ڏينهدي ڏونگرين ڪيائون پاڌ پٺي،
ڏکن ڏيل هٺي، چيهه لڏائون چپرين. (شاهه)

آءٌ هنڌ هنڌ ويس، آفريڪا به ويس، انگليند به پهتس ۽ امريڪا ۾ به قدم رکيم.

ڏوري ڏوري ڏيهه، ساءُ ڪاهوڙي آئيا،
مين پرين ڪيهه، ڪهه چاڙهان ڪنهن پارجي. (شاهه)

Gul Hayat Institute

نيٺ روس ۾ جيڪي انقلاب جا شعلا تن ڏينهن
ٻري پيا، انهن منهنجي اندر ۾ به سوجهرو ڪري
ڇڏيو.

[پنهنجي پيڙا ڪن پاهيون پيراڳين جون،
هلو ته سيڪيون هٿڙا، مٿي تن مچڙا،
ملا سياسين، سون جيئڙو لڳي جان ۾. (شاهه)]

مون کي جنهن حقيقت جي ڳولا هئي، سا مون
کي ملي ويئي. مون سچي ويشنام کي، اها روشني
ڏيکاري ۽ پنهنجي قوم جي دلين ۾ ان روشني جي
چاهت ۽ پيار جو جذبو به اڀاريو. آءٌ سمجهي ويس ته
پورهيت عوام جي ٻڌي وڏي ۾ وڏي طاقت آهي ۽
سچي پچي زندگي اها آهي ته پاڻ کي ان وقت جي
پيدا ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏجي.

آءٌ پيرس جي هڪ تمام اوچي عمارت جي هڪڙي
ننڍڙي ڪمري ۾ رهندو هوس. صبح جو فوٽا ڌوئيندو
هوس ۽ انهن کي وڪڻي پنهنجو گذر ڪندو هوس.
شام جو "لي پيرا" اخبار جي آفيس ۾ ويهي مضمون
لکندو هوس ۽ ڇپائيندو هوس. هي اخبار مظلوم
غلام ملڪن جي عوام جو آواز هئي. آنهي اخبار
۾ آفريڪي غلام پڻ ڪم ڪندا هئا. اسين سڀيئي گڏجي
هن اخبار جي مدد سان پنهنجا خيال ڦهلائيندا هئاسين،

Gul Hayat Institute

۽ فرانس ۽ ٻين ظالم، غلام بڻائيندڙ قومن کي اگهاڙو ۽ خوار خراب ڪندا هئاسين. فرانس جي ڪميونسٽ پارٽي اسان جي تائيد ڪندي هئي. پر اسين فرينچ مزدورن سان ڪوبه وير ڪونه رکندا هئاسين. اسان جو نعرو هو ته: دنيا جا سڀئي پورهيت عوام مظلوم آهن، تن کي پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ پڌي ڪري جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

مون ڪڏهن به آرام ۽ عيش سان نه گذاريو. هڪڙو ته آءٌ تمام غريب هوس. مون وٽ ايترو پئسو ئي ڪونه هو جو عيش عشرتن تي برباد ڪريان، ٻيو ته مون ڪڏهن به سڪن جي سڌ نه ڪئي. مون وٽ جڏهن به ڪي پئسا بچندا هئا ته آءٌ انهن انقلابي نوجوانن تي خرچ ڪندو هوس، جي مون وٽ الائي ڪٿان ڪٿان ڪهي اچي تحريڪ جي باري ۾ صلاحون ۽ هدايتون وٺندا هئا. مون کي تن ڏينهن مصوريءَ جي نمائش ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. جڏهن ڪم کان واندو ٿيندو هوس، تڏهن وڃي ڪانه ڪا مصوريءَ جي نمائش ڏسندو هوس. فرينچن جي ڪم جي ڪاريگري ۽ سندن ثقافت جا ڌار ڌار نمونا ڏسي ڏسي دل خوش ڪندو هوس. تن ڏينهن منهنجي ڪمري ۾ کٽ به ڪانه هوندي هئي. مون وٽ ڪڏهن کٽ وٺڻ جيترا پئسا بچيا ئي ڪونه، جو ڪٿي کٽ وٺان. رات جو گهڻي دير تائين ويٺو پڙهندو هوس، جڏهن ننڊ ڪٽنڊي

Gul Hayat Institute

هئي، تڏهن پڻ ٿي تڏو وچائي ليٽي پوندو هوس. مٿي هيٺانئن ۾ ٿلها ڪتاب وهاڻي جو ڪم ڏيندا هئا. ”لي پيرا“ اخبار هلائڻ لاءِ اسان وٽ پئسا ڪٿان هوندا هئا، ان جي پورت ڪرڻ لاءِ آءٌ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون لکي موڪليندو هوس. انهن مضمونن جا جيڪي پئسا ملندا هئا، اهي ”لي پيرا“ اخبار تي ۽ ٻين ننڍڙن ڪتابڙن تي خرچ ڪندو هوس.

شام جو ڪوشش ڪري ڪلب يا ٻي ڪنهن عام گهمڻ واري جاءِ تي ويندو هوس: اتي نون نون ماڻهن سان ملي، ڪين پنهنجن خيالن کان واقف ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو هوم.

١٩٢١ ۾ فرينچ حڪومت مارسيلز شهر ۾ فرينچ سامراج جي غلام بنايل ملڪن جي ٺهيل شين ۽ ڪچي مال جي نمائش ڪئي. سندن مقصد هو ته انهيءَ نمائش ذريعي فرينچ سرمائيدارن کي هرڪا ڄجي ته غلام ملڪن ۾ اچا ۽ وڏيڪ سيڙپ ڪري فرينچ سامراج جا پير پختا ڪن ۽ پاڻ به جام ناڻو ڪمائين. انهيءَ نمائش ۾ ويٽنام جي نشانيءَ طور رڪشا جي نمائش ڪئي ويئي. انهيءَ رڪشا ڪي هلائڻ لاءِ ڪنهن ويٽنامي ماڻهوءَ جي ضرورت هئي، پر قومي غيرت وچان ڪوبه ويٽنامي رڪشا هلائڻ لاءِ تيار نه ٿيو. ٺهڪري فرينچ حڪومت ڪي نمائش ۾ خالي رڪشا ڏيکارڻي پئي. انهي نمائش جي افتتاح لاءِ ويٽنام جي

شاه "ڪاهي ٻنهه" کي گهرايو ويو. انهيءَ بي ضمير وطن فروش هر هنڌ فرينچ حڪومت جي فائدي ۾ تقريرون ڪيون ته ان ويٽنام تي هي وڏ ۽ مهربانيون ڪيون آهن.

ان جي جواب ۾ وري مون تمام جوشيلا مقالا ۽ مضمون لکيا. جن ۾ فرينچ حڪومت جي انهيءَ قدم جي سخت مذمت ڪيم ۽ ويٽنامين کي جوش ۽ غيرت ڏياريم ته "پنهنجي قومي حقن ۽ قومي آزاديءَ لاءِ پنهنجي جدوجهد تيز ڪريو."

مون انقلابي وطن دوست تحريڪ جو ڪم جنهن تيزيءَ سان پئي ڪيو، تنهن مان دشمن کي اچي ٻپ لڳو ته "هي الاهي کهڙي ٻاه ٻارينده." سو هڪڙي ڏينهن فرينچ سرڪار جي غلام ملڪن جي کاتي جي وزير مون کي سڏايو. جڏهن آءٌ وٽس ويس ته هن هٿن جون ترين زور سان پئي مهٽيون ۽ ڏند پئي ڪرٽيا، مون کي ڏسي چوڻ لڳو ته:

"تون اهي حرڪتون ڪرڻ ڇڏي ڏي!"

مون سندس جملي تي مرڪي ڏنو. منهنجي مرڪڻ تي هو پاڻ وڌيڪ تپي باهه ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو:

"فرانس وٽ ايتري طاقت آهي جو هو پنهنجي دشمن کي چيپاٽي ڇڏي!" انهيءَ ڳالهه جو مون تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. آءٌ اڳي وانگر جوش ۽ جذبي سان ڪم

Gul Hayat Institute

ڪرڻ لڳس. وري به مون کي وزير صاحب ياد فرمايو ۽ مون کي چوڻ لڳو ته "تون جيڪو به وڏي ۾ وڏو سرڪاري عهدو ۽ جيڪا به پگهار چئين سا توکي ڏيون." پر مون انڪار ڪيو ۽ کيس ٻڌايم ته:

"مون کي توهان جي انهن وڏن عهدن جي ڪابه لوڙ ڪانهي، مون کي پنهنجي کاڌي پيتي لاءِ جيڪو به خرچ کپي ٿو، سو آءٌ پاڻ مزوري ڪري ڪمائي کائيندو آهيان. ان کان وڌيڪ ٻي ڪنهن به شيءِ جي مون کي ضرورت ڪانهي. منهنجو فقط هڪڙو نعرو آهي، اهو آهي ويٽنام جي آزاديءَ جو. جيڪڏهن توهين مون کي منهنجي وطن جي آزاديءَ جو پروانو هٿ ۾ ڏيو ته پوءِ آءٌ توهان جي ڳالهه تي ويچار ڪندس."

اهي ڳالهيون ٻڌي وزير صاحب جيڪو خوش ٿيو هوندو، سو توهين پاڻ سوچي سگهو ٿا. مون سمجهيو 'هاڻ پاڻ بچائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هاڻي شايد جيل وڃڻو پوي.' پر مون کي گرفتار ڪونه ڪيائون. آءٌ سمجهي ويس ته مون کي گرفتار ڪري فرينچ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ڪاوڙائڻ نٿي گهريائون. انهيءَ وچ ۾ فرينچ ڪميونسٽ پارٽيءَ پارليامينٽ جي چونڊن لڙڻ جو اعلان ڪيو ۽ جدا جدا سيٽن لاءِ پنهنجا ماڻهو بيهاريا. مون کي به هڪ سيٽ تي بيهاريو ويو. جيئن ته آءٌ پارليامينٽ جو ميمبر ڪونه

Gul Hayat Institute

ٿي سگهيس، ڇو ته آءٌ ٻي ملڪ جو رهاڪو هوس.
پر هڪ ڳالهه ظاهر ٿي ته فرانس جي محنت ڪندڙ
مزورن، مظلوم ويٽنامين کي پنهنجو پاءُ ٿي سمجهيو.
اها ڳالهه ثابت ڪرڻ لاءِ ٻي فرينچ ڪميونسٽ
پارٽيءَ مون کي اميدوار بيهاريو ۽ انهيءَ مقصد ۾
ڪيس تمام سٺي ڪاميابي نصيب ٿي.

ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ منهنجي ڪٽ جو
نه بندوبست ٿي ويو. هاڻ منهنجي ننڍڙي ڪمري ۾
جيڪي ڪل سامان پيل هو سو به توهين پڌو. هڪ
لوهي کٽ، هڪڙي ننڍڙي ميز، هڪڙو پاڻيءَ جو
جڳ ۽ هڪڙي هٿن ڌوئڻ جي چلمچي. انهيءَ کان
سواءِ ٻيو ڪوبه سامان ڪونه هو. پر جي هجي به ها
ته به ڪمري ۾ ايتري جاءِ ئي ڪانه هئي جو ٻيو
سامان پورو ٿي سگهي. ٿوري آمدني ۽ گهڻي خرچ
مون کي تمام غريب ته ڇا پر ڪنگال ڪري ڇڏيو
هو. سياري ۾ مون وٽ ڪوبه ٽپڙ ڪونه هو، جو
ڪٿي مٿان ڪريان. تنهڪري صبح جو ڪم تي وڃڻ
کان پهريائين جاءِ جي مالڪياڻيءَ وٽ ويندو هوس
۽ سندس چلهه ۾ به ٿي سرون گرم ڪرڻ لاءِ وجهي
ڇڏيندو هوس. شام جو ڪم تان واپس موٽي آهي
ٽتل سرون ڪڍي، ڳوڻ جي ٽپڙن ۾ ويڙهي، هنڌ ۾
رکي پاڻ کي سيءَ کان بچائيندو هوس. جمعي جمعي
رات جو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ميٽنگ ۾ ويندو

Gul Hayat Institute

هوس ۽ اتي ماڻهن سان ملي ڪين ڪم ڪرڻ جو چاهه ڏياريندو هوس. شام جو ڪلبن ۾ ويندو هوس. هڪڙي ڪلب تہ چڻ منهنجي خاص بيٺڪ هوندي هئي. اتي قسمين قسمين ڳالهين تي بحث مباحثا ٿيندا هئا. جنهن ۾ آءٌ جوش خروش سان شامل ٿيندو هوس ڳالهہ ڪٿي ڪهڙي بہ هجي پر آءٌ ان ڪــي ڦيرائي گهيرائي پنهنجي مطلب تـي آڻيندو هوس. هڪڙي ڀيري (هپناٽزم) تي وڏو بحث ٿيو. ظاهر آهي تہ اهڙين ڏاهيات ڳالهين سان انقلابين جو ڪهڙو واسطو؟ پر مون ان بحث کي بہ نہ ڇڏيو. مون چيو "هپناٽزم ڇا آهي، ڇــا ناهي، اها توهان ڪــي خبر هوندي. پــر آءٌ توهان کي ايترو ٻڌايان ٿو تہ ڊاڪٽر ڪٿو (جيڪو انهيءَ وقت سڄــي فرانس ۾ هپناٽزم جو وڏي ۾ وڏو ماهر هو) انهيءَ فن جو ايترو ڇاڙو ڪونہ آهي، جيترو فرينچ حڪومت. جيڪا هر سال هزارين ڏن هپناٽزم جي آفيم جا لڪــن ويٽناميين کــي ڪارائي، کين بيهوش ڪري، سندن ذهن مان اها ڳالهہ ڪڍيو ٿي ڇڏي تہ فرينچ حڪومت سندن ملڪ کسي ورتو آهي."

سڄي پيرس ۾ آءٌ اڪيلو ويٽنامي هــوس، جيڪو پنهن جي خيالن ۽ عقيدن جو اظهار ايڏيءَ دليريءَ سان ڪندو هوس. تنهن زمانــي ۾ منهن جــو پهريون ناول "پيرس" بہ شايع ٿيو. منهنجي عادت هئي تہ مون کي

فرانس جو وڏو وزير هو. تنهن هر قيمت تي ڪميونسٽ انقلابين کي ڇپيائي سارڻ تي گهريو. عام چونڊن هلندي هن وڏا وڏا پوسٽر ڇپرايا، جن ۾ ستان لکيل هو: ”بالشويڪ * دغاباز مڪار ۽ قاتل آهن. انهن اکرن جي هيٺان هڪ ڀڄڙي ڪراهت جهڙي بدمعاش جي تصوير ناهي، ان جي وات رت سان ڀريل چاقو ۽ هٿ ۾ عورت جي سسي، ۽ ٻئي هٿ ۾ ڏاندي جي آساڙي ڏيکاريائون. تصوير جي پس منظر ۾ ڏيکاريل هو ته گهر سڙيا پيا آهن ۽ انهن جا ماڻهو ڦٽيا ۽ مئا پيا آهن.

ايتري گهڻي مخالفت هوندي به اسان پنهنجو حوصلو نه هاريو ۽ پاڻ وڌيڪ بهادريءَ ۽ همت سان پنهنجي مقصدن کي ڦهلائڻ جي ڪم ۾ جنبيا پيا هئاسون. ڇو ته پنهنجي اصولن تي ڄمي بيهڻ جو سچو سچو مزو آهي تڏهن، جڏهن ٻئي پاسي سخت مخالفت ۽ طوفاني مقابلو هجي. انهيءَ اصول پرستيءَ، مضبوط ارادي ۽ عزم فرينچ حڪومت کي ڪاوڙ ۾ چتو ڪري وڌو. هاڻي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ڪچلڻ شروع ڪيو ويو. فرينچ ڪميونسٽ پارٽيءَ جا وڏا وڏا نامياري ليڊر گرفتار ڪري جيل ۾ بند ڪيا ويا.

---

* لينن جا حامي مجاهد انقلابي جن روسي انقلاب آندو. بعد ۾ اهي ڪميونسٽ سڏائڻ لڳا.

Gul Hayat Institute

الائي ڪهڙي مصلحت، وچان مون کي گرفتار نہ ڪيائون. حڪومت اينرو سو ڪيو جو منهن جي پٺيان ٻہ جاسوس ڇڏيائون، جيڪي هر وقت مون سان گڏ پيا هلندا هئا. جيڏانهن بہ آءٌ ويندو هوس تہ هي ٻئي لڪي لڪي منهنجو پيڇو ڪندا هئا. انهن ٻنهي کي ڪڏهن بہ اهڙي جرئت ڪانہ ٿي، جو ڪٿي منهنجي ويجهو اچن. نہ وري مون کي ئي ڪو موقعو مليو جو آءٌ ڪٿي سائن ڳالهايان. ٿي سگهي ٿو تہ اهي پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي لٽين، ڏنڊن ۽ نوٽشن کان ڊنا ٿي، جو ويجهو نٿي آيا.

آءٌ اچر ڏينهن صبح جو پنهنجي ڪنهن دوست سان گڏجي عجائب گهر، ڪارخانا ۽ مشهور جايون ڏسڻ ويندو هوس.

آءٌ پنهنجي ساٿين کي چوندو هوس تہ "گهمڻ ڦرڻ ۽ ڏسڻ جهڙيون جايون ڏسڻ بهتر وندر آهي. اهو گهمڻ وقت جو زيان ناهي. پر ماڻهو گهڻو ڪجهہ پرائي ٿو. انهيءَ مان هڪڙي پاسي اسان جي ذهن کي فرحت ملي ٿي، ٻئي پاسي اسان جي سمجهہ وڌي ٿي."

تن ڏينهن منهنجي هڪڙي دوست جي سنگتياڻي مارگو منهنجي گهر ايندي هئي. منهن جا ڪپڙا ڌوئيندي هئي، گهر جو ٻهارو سهارو ۽ صفائي ڪندي هئي. مارگو مون کي پنهنجو وڏو ڀاءُ سمجهندي هئي،

Gul Hayat Institute

۽ مون سان ننڍي ڀيڻ وانگر هلندي هئي. هڪ ڏينهن منهنجي سقيم حالت ڏسي روئي پيئي ۽ گهر وڃي منهنجي دوست کي چيائين ”ادا نگوريان ڏينهن رات ڪم ڪري ٿو. صفا ڪمزور ۽ پيلو ٿي ويو آهي. تون ڪجهه مدد ڪرينس ۽ سمجهائينس ته پنهنجي صحت جو به ڪو خيال رکي.“ منهنجي دوست مون سان مارڳو جي اها ڳالهه ڪئي، تڏهن منهنجي به دل ڀرجي آئي. سوچيم ته ”ويچاريءَ کي منهنجو ڪيترو نه اونو آهي!“ پر گهڙي ترسي مرڪي دوست کي چيم ”هن چريءَ کي ڪهڙي خبر ته ماڻهوءَ کي پنهنجي صحت ۽ جسم جي حفاظت بدران پنهن جي انقلابي اصولن ۽ خيالن جي حفاظت ڪرڻ کپي. منهنجا خيال ۽ اصول ئي منهنجي حياتي آهن. جي اهي وڌيا، ويجهيا ۽ ٽڙيا ۽ پوءِ جي آءٌ مري به ويس تڏهن به سدائين جيئرو هوندس پر جيڪڏهن منهنجي خيالن جو واڌارو نه ٿيو ۽ ڪومائجي سڙي ويا ۽ جي آءٌ پنهنجي اصولن تي قائم نه رهيس ۽ ڦري ويس ته پوءِ ڪٿي ٿلهو متارو ٿي پوان ۽ سؤ سال پيو جيئان ته به اهڙي صحت ۽ اهڙي حياتي ڪهڙي ڪم جي؟“

١٩٢٢ ۾ آءٌ سموري دنيا جي انقلابي ڪميونسٽ پارٽين جي ڪانفرنس ۾ فرينچ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي نمائيندي جي حيثيت سان شريڪ ٿيڻ لاءِ روس ويس،

Gul Hayat Institute

تن ڏينهن ڪامريڊ لينن وفات ڪري ويو. سندس موت جي ڪري سڄي دنيا جي مڇهت، ڪندڙ مزورن، هارين ۽ انقلابي عوام جي دلين تي غم جي اونده ڇانئجي ويئي. مون کي به سندس موت ڪري ڏاڍو صدمو پهتو پر هڪڙي ڳالهه ڪري خوش به ٿيس ته ڪامريڊ لينن هڪڙي انقلابي سورمي وارو موت مئو هو ۽ نه ڪنهن نيچ انسان وارو موت. ڪيس ٿي اهو فخر حاصل هو ته هن سڄي دنيا ۾ پهريون دفعو پنهنجي ملڪ ۾ مزورن، هارين، بکين ۽ ڏکين انسانن جي حڪومت جي پيڙهه وڌي هئي. هي دنيا ۾ پهريون مثال هو جو هزارين سالن کان شاهوڪارن، وڏيرن ۽ حاڪمن جا ماريل ۽ پيڙهيل پورهيت عوام ملڪ جا مالڪ ٿيا هوا:

[برو هو پنهور، آرياڻيءَ اجاڙيو،
لاٿو سڀ لوڪ تان، هاڙي ڏٺيءَ هور،
چوريون چرڻ سکيون، پنهون کيائون پور،
آيو سو اتور، جنهن ڏکيو ڏک هاريون. (شاه)]

لينن پنهنجي حياتيءَ جو عظيم مقصد پورو ڪري پوءِ مري ويو ۽ دنيا جي انقلابي انسانن ۽ عوام لاءِ پنهنجي حياتيءَ جو روشن مثال قائم ڪري ويو.

[جنهن ڏٺو دل سين، پٽيءَ سي پيون،
ته پڙ ٿي ويون، جي پنهون پاڻ لڪايو. (شاه)]

شروعات ۾ آءٌ دنياجي مزورن ۽ عوام جي پهرين ڪامياب سوشلسٽ انقلاب طور (يعني ۱۹۱۷ واري) عظيم روسي انقلاب جي حمايت رکڻ ۽ همدرديءَ طور ڪندو هوس. اول مون کي انهيءَ عظيم انقلاب جي تاريخي اهميت جي خبر ڪانه هئي. مون کي لينن سان رڳو انهيءَ ڪري پيار هو، جو هو هڪ عظيم محب وطن هو، جنهن پنهنجي وطن جي مظلوم عوام کي آزاد ڪيو. مون اڃا تائين سندس ڪابه لکڻي ڪانه پڙهي هئي. درحقيقت آءٌ فرينچ سوشلسٽ پارٽيءَ ۾ رڳو انهيءَ ڪري شامل ٿيس جو اها غلام ۽ مظلوم قومن جي آزاديءَ جي جدوجهد سان همدردي رکندي هئي. مون کي اڃا تائين اها خبر به ڪانه هئي، ته ڪميونسٽ پارٽي ڇا ٿيندي آهي؟ ۽ سوشلزم يا ڪميونزم جو مطلب ڇا آهي؟ انهن ڏينهن ۾ فرينچ سوشلسٽ پارٽي جي مقامي شاخن ۾ انهيءَ مسئلي تي ڏاڍا بحث ٿيندا هئا ته ڪهڙي انٽرنيشنل* ۾ شامل ٿجي. جو ته اهڙيون ٽي بين الاقوامي جماعتون موجود هيون.

آءٌ هفتي ۾ ٻه ٽي دفعا پارٽيءَ جي جلسن ۾ باقاعدي ويندو هوس ۽ اتي ٿيندڙ بحث ۽ دليل تمام گهڻي غور سان ٻڌندو هوس. پهرين پهرين مون کي اها ڳالهه

---

*دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين جي بين الاقوامي جماعت.

سمجهه ۾ نٿي آئي ته هي سچو جهڳڙو ڇا تي آهي؟ ۽ هي ماڻهو ايترا دليل ڇو ٿا ڏين. جڏهن ٻئي انٽرنيشنل ۾ هئي ته پوءِ سڀ انهيءَ ۾ ڇو نٿا شامل ٿين، هر ويرو ٽين يا ٻي انٽرنيشنل ڪڙي ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ وڙهي مرڻ جو ڪهڙو لاچار؟

مونکي جنهن سوال جي جواب ڏيڻ جي خواهش هئي، تنهن سوال تي جلسن ۾ ڪڏهن به بحث نه ٿيو. اهو سوال هي هو ته مظلوم قومن جي جدوجهد جي ڪهڙي انٽرنيشنل حمايت ٿي ڪري؟

هڪڙي جلسي ۾ مون اهو سوال پڇيو. ڪجهه ڪامريڊن جواب ڏنو "ٽين انٽرنيشنل جنهن ۾ لينن شامل آهي." هڪڙي ڪامريڊ مونکي قوميتن ۽ غلام قومن جي مسئلي تي لينن جا اهي مضمون پڙهڻ لاءِ ڏنا، جيڪي "لومانيتي" اخبار ۾ ڇپجي چڪا هئا.

انهن مقالن ۾ اهڙيون پيچيديون ڳالهيون هيون، جي مون کي سمجهه ۾ نٿي آيون ته ٻه ڀيرا پڙهڻ سان انهن جو مطلب سمجهي ويس ۽ انهن مون ۾ تمام گهڻو جوش، ولولو ۽ اعتماد پيدا ڪيو ۽ مسئلن کي صفائي سان جاچڻ ۾ مدد ڪئي. آءٌ ايترو ته خوش ٿيس جو ڪيترائي دفعا روئي پوندو هوس ۽ پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلو اهڙيون ته رڙيون ڪندو هوس ڄڻ ڪنهن وڏي هجوم اڳيان بيٺو هجان. يتيمن کي مخاطب ٿي چوندو هوس:

"منهنجا پيارا مظلوم، بدنصيب هم وطنو! اسان کي هڻ واٽ وٺڻ جي ضرورت آهي- اهو لينن وارو رستو اسان کي آزاد ڪندو."

انهيءَ کان پوءِ لينن ۽ ٽين انٽرنيشنل تي مون کي پورو اعتبار ۽ ڀروسو ٿي ويو.

پهرين آءٌ رڳو پيو ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌندو هوس. مون کي هر ماڻهوءَ جا خيال صحيح لڳندا هئا. آءٌ ڪنهن هڪڙي جي دليلن کي سچي ۽ ٻئي جي دليلن کي رد ڪري نٿي سگهيس. پر لينن جا مضمون پڙهڻ کان پوءِ آءٌ بحث مباحثا ۽ تمام جوشيليون تقريرون ڪرڻ لڳس.

مون کي اول فرينچ ٻوليءَ چڱيءَ طرح ڳالهائڻ نه ايندي هئي. تنهنڪري آءٌ پنهنجن خيالن جو پوريءَ طرح اظهار ڪري نه سگهندو هوس. پر تنهن هوندي به مون ڪچي ڦڪيءَ فرينچ ٻوليءَ ۾ لينن ۽ ٽين انٽرنيشنل جي مخالفن جي پوري طاقت سان مخالفت ڪئي. مون وٽ رڳو هڪڙو دليل هو. مون چيو "ڪامريڊو! جيڪڏهن توهين ملڪن کي غلام بڻائيندڙ سامراجي نظرين جي مذمت نٿا ڪريو ته پوءِ ڪهڙي قسم جي انقلاب جي دعويٰ ٿا ڪريو؟" پنهنجي مقامي شاخ جي جلسن جي سوال جواب ۾ مون کي تسلي ڪانه ٿي. تنهن ڪري آءٌ ٻين شاخن جي جلسن ۾ وڃي پنهنجا

خيال ظاهر ڪرڻ لڳس. ڪيترين ڳالهين جي سمجهائي ڏيڻ ۾ ڪامريڊ مارشل ڪاشين، ڪامريڊ ڪوتوير، ڪامريڊ موتموسو ۽ ٻين فرينچ ڪامريڊن منهنجي مدد ڪئي. آخر ۾ ٽور واري سالياني پارٽي اجلاس ۾ مون ٻين ڪامريڊن سان گڏ ٽين انٽرنيشنل ۾ شامل ٿيڻ جي حمايت ۾ ووٽ ڏنو.

شروع ۾ ڪميونزم نه پر پنهنجي وطن جي حب مون کي لينن ۽ ٽين انٽرنيشنل ۾ اعتقاد رکڻ تي اڀاريو. پر آهستي آهستي جدوجهد جي وڌڻ ويڃڻ سان گڏ وڌندي مون مارڪسزم ۽ لينزازم جي نظرين کي عمليءَ ڪم سان گڏي چڱي طرح سمجهي ورتو ته "دنيا جي مزدورن، مظلوم قومن ۽ عوام کي صرف سوشلزم ۽ ڪميونزم ئي آزادي ڏياري سگهن ٿيون."

چين وانگر ويٽنام ۾ به ماڻهو ڳالهيون ڪندا آهن ته ڪا اهڙي جادوءَ جي ڪُوڙي ٿيندي آهي، جيڪا ڪو ماڻهو لهي وڃهي ۽ ان کي کولي ته سندس دل جا سڀ مطلب پورا ٿي ويندا. مون سمجهي ورتو ته ويٽنام جي انقلابين ۽ عوام لاءِ مارڪسزم ۽ لينزازم جي انقلابي تعليم ۽ واٽ نه رڳو جادوءَ جي ڳوٿري وانگر آهي، پر انهيءَ سچي ڀچي سج وانگر آهي، جيڪو آخري فتح حاصل ڪرڻ، سوشلزم ۽ ڪميونزم قائم ڪرڻ لاد اسان جي جدوجهد جو رستو رشن

ٿو ڪري.“

ڪامريڊ لينن جي وفات ڪري دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين جي ڪانفرنس ملتوي ڪري وري جولاءِ ١٩٢٤ ۾ رکي ويئي.

انهيءَ ڪانفرنس ۾ مون غلام ملڪن جي حالتن تي هڪ زبردست تقرير ڪئي ۽ پنهنجن ملڪن مان آيل انقلابين کي انهيءَ ڳالهه تي ڀيهاريم ته هو به غلام بنائيندڙ ملڪن ۽ سامراجين خلاف وڙهندڙ مظلوم قومن جي حمايت ڪن. منهنجي ان تقرير جي ڏاڍي ساراهه ٿي ۽ انهيءَ ڪاروائيءَ جو جيڪو رڪارڊ رکيو ويو، ان ۾ منهنجي تقرير به شامل ڪئي ويئي.

انهيءَ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ هر ماڻهوءَ جي ذهن ۾ هڪ نئين طاقت ۽ هڪ نئون جذبو پيدا ٿي ويو.

[ڪاجا آندي ڪيچين، وڻڪاران وائي،

سٽي مون سائي، نيڻن نندوهه ٿي! (شاهه)

اتان آءٌ (سنه ١٩٢٥) چين روانو ٿي ويس ۽ چين جي ڏاکڻين شهر ڪينٽن پهتس. منهن جو مقصد هو ته چين جي انقلابي طاقتن جي مدد به ڪريان ۽ ان سان گڏوگڏ ويٽنام جي انقلابي طاقتن کي گڏ ڪري مضبوط بنايان.

هتي پهچڻ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ (سنه ١٩٢٦ ۾) مون ”ويٽنامي نوجوانن جي انقلابي ليگ“ جو پايو وڌو.

بنياد وڌو. اتان ١٩٢٩ع جي وچ ڌاري واپس چين موٽي آيس.

۽ ٿورن ئي مهينن کان پوءِ ويتنام جي انقلابي تحريڪ هڪ سونهري موڙ تي پهتي، ۽ جلد ئي هڪ وڏي جوش ۽ جذبي ڀرئي ڏيارينڌڙ دؤر جي شروعات ٿي ويئي. ٣٠ فيبروري ١٩٣٠ع تي ويتنام جي ڪميونسٽ پارٽي، جيڪا ٽن ٽولن ۾ ورهايل هئي، ان کي ملائي هڪ پارٽي ڪيو ويو. اتر جي مرڪزي ۽ ڏکڻ ويتنام جي ڪميونسٽ پارٽي جون شاخون، جيڪي اڳ جدا جدا هيون جن جو گهڻو ڪري پاڻ ۾ ڪوبه ڳانڍاپو نه هو، اهي هاڻ هڪ ٿي ويون. ۽ سنڌن دائرو جيئن پوءِ تيئن وسيع کان وسيع تر ٿيندو ويو، مون سڀ طرح مرڪزي جماعت جي اڳواڻي پئي ڪئي. انهن ئي ڏينهن منهن جو شنگهائيءَ ڏانهن وڃڻ جو اتفاق ٿيو. اهو ساڳيو جوان لونگ بينگ به ٽن ڏينهن شنگهائيءَ ۾ هو ۽ اتي جي مزورن کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هو. هتي فرينچ حڪومت طرفان هڪ آڪسيجن فيڪٽري کولي ويئي هئي، جنهن ۾ ويتنامي مزور به ڪم ڪندا هئا. لونگ بينگ انهن مزورن کي ترتيب پئي ڏني ۽ کين منظم ڪرڻ لاءِ وڏيون ڪوششون پئي ڪيون. هتي هڪ اهڙي هوٽل هئي جيڪا ته فرينچ حڪومت جي پر ان ۾ ملازمت ڪندڙ گهڻو ڪري ويتنامي هئا. لونگ بينگ انهيءَ هوٽل ۾

ٻيري جو ڪم ڪندو هو. هي اتي ڪم ۾ ڪندو هو ۽ ويٽناميين جي دلين ۾ آزاديءَ لاءِ قرباني ڏيڻ جو جوش ۾ ڀڙڪائيندو هو. ٿوري ئي وقت اندر سندس محنت ساب پيئي ۽ تحريڪ نهايت تيزيءَ سان وڌڻ ويجهڻ لڳي. انهن ڏينهن ڦيمچو ڪسي تنظيمي اشاعتي ڪمن لاءِ لونگ بينگ جو ساٿي ڪري شنگهائي موڪليو ويو. جڏهن اُهو شنگهائي پهتس ته مون لونگ بينگ کي چٺي موڪلي پاڻ وٽ گهرايو. مون چٺيءَ ۾ لکيو ته ”آءٌ شيل ڪمپنيءَ جي بيلٽ روم ۾ شام جو تو لاءِ ويٺو هوندس.“ مون چٺيءَ ۾ پنهنجو ڦالو ڪوٽ لکيو. هو شام جو مون سان ملڻ آيو. ان وقت سيءُ پئي پيو. لونگ بينگ گرم ڪپڙن سان سڄو سٿيو پيو هو. مون کي اُن جي صدريءَ مٿان هڪڙو وڏو چنل ڪوٽ پيل هو. مٿي تي هڪ چمڙي سالن جي پراڻي ٽوپي پيل هير. ٽوپيءَ ۾ سيءُ جو جهلو ڪونه هو، مڙيئي ڦالي ماٿر مٿي تي رکيل هئي. لونگ بينگ منهن جي ڪپڙن ڏانهن نهاري ڏاڍو ڦڪو ٿيو ۽ ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين. مون کيس ڦڪو ٿيندو ڏسي چيو ”پٽ! مون کي ايترو سيءُ لڳيئي ڪونه، جو ته سيءُ مون ڪان بچندو آهي. تنهنڪري منهن جي ويجهو ٿي ڪونه اچي. تون پاڻ کي سيءُ واءُ کان بچائيندو ڪر. جو ته توکي قوم لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪرڻو آهي.“

پوءِ اسين ڪم جي ڳالهين ڪي لڳي وياسين- مون ڪيس وڏي خبرداريءَ سان هلڻ جي نصيحت ڪئي ۽ چيومانس ته ”اسان ڪي رات ڏينهن ڪم ڪرڻو آهي- چاهي اسان جا وسيلا ڪيترا به گهٽ ڇو نه هجن- اهڙيءَ ريت اسان کي هر حالت ۾ پنهنجي قوم لاءِ قرباني ڏيڻي آهي ۽ پنهنجي مادر وطن کي غلاميءَ جي زنجيرن مان ضرور آزاد ڪرائڻو آهي.انهيءَ ڪري اسان کي پارٽيءَ جي هدايتن تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ گهرجي ۽ ضابطي سان هلڻ کپي. ضابطو تمام وڏي طاقت آهي، جيڪڏهن انقلابي قومي ڪارڪنن کي بدانتظامي ڪرڻ جي ڊپ ڏبي ۽ سندن ذهن ۾ سوچ کي انتظامي پڄري ۾ سوگهو نه رکبو ته سندن صلاحيتن مان فائدي بدران اٽلو ڇيهي رسڻ جو امڪان آهي.“

جولاءِ يا آگسٽ ١٩٣٠ ۾ آءٌ ٻيو دفعو شنگهائي ويس، جتي پارٽيءَ طرفان ميٽنگ رکيل هئي. شنگهائي جيئونٽيڪ چين جو وڏو شهر آهي. پر اتي جي پوليس ۾ ڪيترائي ويٽنامي پوليس وارا هئا. انهن ۾ سجاڳي ۽ هلچل پيدا ڪرڻ جون ڪيتريون ئي تجويزون ميٽنگ ۾ ويچار هيٺ آيون. مون انهيءَ موقعي تي پيهن جي ساٿين کي ٻڌايو ته ”اسان کي نه رڳو عوامي طاقتن جي اڳواڻي ڪرڻي آهي پر انهيءَ سان ڳڏوگڏ ڏارين حڪومت کي لتون هڻي، پنهنجي ملڪ مان هڪالي

پر هو ڪنهنجي رڪو رت ٿي پيا پر پنهن جي ساٿي يعني سون بابت. لفظ به وات مان نه ڪڍيا. آخر سرڪار ۽ پوليس جا غنڊا ٿڪجي پيا ۽ کين عمر پر قيد جي سزا ڏيئي ڇڏيائون.

ڪينٽن ۾ رهڻ واري عرصي ۾ ويٽنام جا گهڻيئي جوان آيا، جن جي دلين ۾ وطن جي آزاديءَ جي جدوجهد جا مچ ٻري پيا. سون هتي هڪڙو ڳجهو انقلابي قومي تعليمي اسڪول کوليو، جنهن ۾ انهن جوانن کي انقلابي قومي ڪم ڪرڻ جي سکيا ڏيندو هوس. آءٌ انهن جوانن جي ذهنن ۾ دشمن جي خلاف بارود جو وڏو ذخيرو ڀري ڇڏيندو هوس. جڏهن اهي جوان موٽي وطن واپس ويندا هئا ته اهو بارود سندن دماغ مان نڪاءُ ڏيئي ڦاٽي پوندو هو ۽ دشمن جي چوطرف باهه جا الا ٻنجي پڪڙجي ويندو هو. اسين هڪ پاسي اهو ڪم ڪندا هئاسين ته ٻئي پاسي انقلابي تحريڪ جون پاڙون ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مضبوط ٿينديون پئي ويون. اسان کي ڪينٽن مان باقاعدي ڀرپور مدد پئي پهتي. تن ڏينهن ويٽنام جي هڪ عوامي شاعر هڪ نظم چيو هئي، جيڪا ٿوريئي عرصي ۾ عوام جي دلين ۾ گهر ڪري ويئي. نظم مان ان وقت جي ويٽناميين جي ذهني رفتار جو چڱو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. نظم ۾ چيل هو:

”رات ايتري ڏگهي ۽ اونداهي ڇو آهي؟

Gul Hayat Institute

پره، الائجي ڪڏهن ڦٽندي؟
ڏيئن جون لاٽون لرزش ۾ آهن،
ڪتن جـــي ڀونڪڻ جو خوفناڪ آواز ڏيچاري پيو، معصوم ٻار ڊپ کان مائرن جي ڇاتين کي چنبڙيا پيا آهن.

لوڪ گيتن جي ڌنن جـــو آواز جهيڻو ٿيندو پيو وڃي. منهنجا پاڙيسري جاڳي آٿيا آهن.

ڪاش! اهي اسان جي پڙهيل طبقي جي ماڻهن کي به ڏونڊاڙي آٿارين!

ان وقت ٿائيليند ۾ اٽڪل ٢٠ هزار ويٽنامي رهندا هئا. هنن جـــي هتي رهائش تمام پراڻي ليکي ويندي هئي. هنن جو وڏو حصو ٻڌمت کي مڃيندڙ هو، ۽ ڪيترا ڪيٿولڪ مذهب جا مڃيندڙ به هئا. سڀني کي پنهن جي وطن سان محبت هئي ۽ وطن جـــي محبت جو جذبو سندن روم روم ۾ سمايل هو. منجهانئن ڪيترن اڳي آزاديءَ جي اڳوڻي انقلابي تحريڪ ۾ حصو ورتو هو ۽ پنهن جي وطن جي آزاديءَ خاطر گهڻو ڪجهه قربان ڪيو هئائون.

حقيقت ۾ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي وطن مان لڏي هتي آيا هئا، تنهن جو خاص سبب هيءُ هو ته جنهن انقلابي تحريڪ ”اوپر ڏانهن هلو تحريڪ“ ۾ هنن حصو ورتو هو، اها ڪامياب ڪانه ٿي ۽ منجهانئن

Gul Hayat Institute

هئا. اهي ئي سوسائٽيون اڳتي هلي تحريڪ جي انقلابي ڪم جو بنيادي پٿر ثابت ٿيون.

انهيءَ عرصي ۾ ”چيانگ ڪائي شيڪ“ پنهنجي بدمعاشيءَ وارين حرڪتن کي انتها تي پهچائي ڇڏيو. پر پوءِ به هڪ انقلابي تحريڪ جي ساٿين جو هڪبئي سان لاڳاپو ٽوڙي نه سگهيو. ويٽنام ۾ رهندڙ ساٿين تي ٿيندڙ ظلمن کان آءٌ چڱي ريت واقف هوس ۽ سندن آمدنيءَ جي انگن اکرن کان به باخبر هوس. انهيءَ ڪري جڏهن به ڪي ماڻهو مون وٽ آيا ته ۽ مون کين تحريڪ جي باري ۾ پنهنجي ڄاڻ کان واقف ڪيو، ته هو حيران ٿي ٿي ويا.

تن ڏينهن ويٽنام جي معاشي حالت تمام خراب هئي. اتي جي عوام ڪتن کان به وڌيڪ بدترين زندگي پئي گذاري، ڪتي سان پيٽ مون ڇاڻي ٻجهي ڏني آهي. ڇاڪاڻ ته اتي جو گورنر جنرل ”ميرين“ پنهنجي ڪتن جي خوراڪ تي جيترا پئسا خرچ ڪندو هو. ويٽنامي هاري سڄي سال ۾ پنهنجي ڪٽنب تي انجي ٿين پتيءَ جيترا پئسا به خرچ ڪري نه ٿي سگهيو. ويٽنامي هاري سڄو سال رت ست ڏيئي، سارين جي جيڪا آبادي ڪندا هئا، انهيءَ پيدائش جا ٽي حصا فرينچ آفيسر کڻي ويندا هئا. اهي حقيقتون ايترو ته ڏکوئيندڙ هونديون هيون، جو هرهڪ جي اکين مان رت جا ڳوڙها وهي ايندا هئا.

آءٌ سوچيندو هوس تہ فقط ڏک ۽ ارمان ڪرڻ سان ظلم ۽ ڦرلٽ جو خاتمو ٿيڻو ئي نہ آهي. ظلمن جو پڌي جيڪو رت اکين ۾ تري اچي ٿو، اهو جيسين مظلوم جي سڄي جسم ۾ ٻوڙي سندس غيرت جي رت کي ٿهڪائي ظالم کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪنهن ڪهاڙيءَ تلوار يا بندوق کڻڻ لاءِ تيار نہ ٿو ڪري، تيستائين اهو ڪهڙي ڪم جو؟

[آيل اُن نہ وسهان، هنجون جي هارين،
آڻيو آب اکين ۾ ڏيهہ ڪي ڏيکارين،
سڄڻ سي سارين نڪي رون نڪي چون ڪي!] (شاهہ)

ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ مون کي تحريڪ کي وڌيڪ ڪامياب ڪرڻ لاءِ روپوش ٿيڻو پيو. هاڻي ڪنهن کي بہ اها خبر ڪانہ هئي تہ آءٌ ڪٿي پيو رهان. فقط ٽن چئن ساٿين کي سڌ هئي. ماڻهن جي دلين منهنجي باري ۾ ڪيترون غلط فهميون پيدا ٿي ويون. انڪري منهنجي ساٿين کي منهنجي خلاف ڪيترن ئي ڪوڙن افواهن کي منهن ڏيڻو پيو. آءٌ دڪجهہ وقت ڪانپوءِ ٿائيلينڊ ويس، پر اتي مون پنهنجو نالو بدلائي ڇڏيو. هتي جا ڪارڪن مون کي ڏسي حيران ٿي ويا. انهن ڪارڪنن مان هرهڪ سان منهنجي پرپٺ سڃاڻپ هئي. هو سوچڻ لڳا تہ ”هي ماڻهو ڪير آهي ۽ ڪٿان آيو آهي؟“ هو منهنجي هرهڪ ڪم کي چڱي طرح

وچي انقلابي ڪم ڪن. انهن ويٽنامين سان. ڪيترن
ٿائي عورتن سان شاديون ڪيون، جنهن ڪري انهن
سوسائٽين جو ڏاڍو سٺو اثر ٿيو. سوسائٽي جي ميمبرن
جي پاڻ ۾ سحبت ڏسي هرڪو ڏندين آڱريون ڏيندو
هو ۽ دل ۾ ساراهيندو هو. اسان پنهنجي عملن، گڏيل
قربانين ۽ ڀائيچاريءَ سان اهڙا مثال قائم ڪيا، جن
اسان لاءِ اڳتي ڪم ڪرڻ جون وڏيڪ صاف راهون
کولي ڇڏيون.

آءٌ هڪ طرف پنهنجي سائين سان گڏجي ڪم
ڪندو هوس ته ٻئي پاسي تحريڪ جي ڪيترين ئي
ڳالهين کي پيو سوچيندو هوس. مون کي وڏو فڪر
اهو هوندو هو ته ماڻهن ۾ ڪهڙي نموني انقلابي
قومي نظريي جي تعليم پکيڙجي.

ڪيترا ساٿي جن مون سان گڏجي ڪم ڪيو هو،
سي منهن جي لاءِ هانگ ڪانگ مان ڪيترا سگريٽن
جا دٻا سوکڙي ڪري موڪليندا هئا. انهن ۾ پيلنو
هائي "نيري جهرڪي" ۽ "مارڪ" سگريٽ مون کي
ڏاڍا وڻندا هئا. پر آءٌ اهي سگريٽ پنهنجي ساٿين ۾
ورهائي ڇڏيندو هوس.

اوڊن ڪان پوءِ آءٌ سائيگان ويس. هتي ويٽنامي
چڱي تعداد ۾ موجود هئا. هنن منهنجي اچڻ کان
اڳ۾ئي اتي سوسائٽيون ۽ اسڪول کوليا هئا. پر اهي
اڃا سياسي طرح گهڻو پٺتي پيل هئا ۽ مذهبي طور

Gul Hayat Institute

پراڻو خيالن جا هئا. منجهن انقلاب جو ٻج اڃا پوري طرح نه ڇٽيو هو. انهن ويٽناميِن وڏو حصو ”ڪيٿولڪ“ مذهب جو هو. ڪي وري ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ هئا، جيڪي تيرهين صديءَ جي وطن دوست سورمي تران کي قومي هيرو ڪري مڃيندا هئا. جنهن ٻه ڀيرا حملو ڪندڙ منگولن کي ويٽنام مان ڀڄائي ڪڍيو هو. هو باقاعدي سندس پوڄا ڪندا هئا. مون سائيگان وارن ڪارڪنن تي منجنٽ ۽ اوبن وارن ساٿين کان وڌيڪ ڌيان ڏنو. هتي، مون هڪڙو نئون تجربو ڪيو. مون اتي اهڙا ٻه ٽي ڊراما ۽ ناٽڪ ڪرايا، جن ۾ ويٽنام جي تاريخ کي نهايت اثرائتي نموني پيش ڪيم. انهن ڊرامن جا گانا مون پاڻ لکيا. منهنجو اهو تجربو منهنجي اميدن کان وڌيڪ ڪامياب ٿيو ۽ ماڻهن کي اهي ڊراما ڏاڍا وڻيا.

مون هتي سوسائٽيءَ جي ڪم ڪندڙن کي صلاح ڏني ته هو هڪڙو دوائن جو دڪان کولين. ۽ اهو ڪم ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي حوالي ڪن، جيڪو دوائن جي ڄاڻ رکندو هجي ۽ ميمبرن جو علاج وغيره ڪري سگهي.

هتان جا ڪيترائي ويٽنامي تران جا پوڄاري هئا. انهيءَ طرح مون سندن دلين ۾ گهر ڪرڻ لاءِ تران جي شان ۾ هڪڙي نظم لکي جنهن ۾ تران جي حب الوطنيءَ جي ساراهه هن ريت ڪيم:

”تران سورمي ڏين هانگ جي سيڙ ۾ بادشاهه اڳيان قسم ڪيو!

”آءٌ قسم ٿو کڻان ته:

”جڏهن به دشمن اسان جي علائقي ڏانهن پير وڌايو،

”۽ اسان تي حملو ڪيو.

”تڏهن آءٌ پنهنجي ابائن ڪکن ۽ پنهنجن مارُوئڙن ”تان سر ڏيندس.

”جيستائين هڪڙو به ويٽنامي جيئرو هوندو.

”جيستائين ويٽنام اسان جو ۽ رڳو اسان ويٽنامين جو رهندو.“

نظم جون اهي سٽرون ماڻهن کي ڏاڍيون وڻيون ۽ باهه وانگر آسپاس پکڙجي ويون. تران هتي جي رهاڪن جو هيرو هو، تنهنڪري ماڻهن هن جي پيروي ڪرڻ پنهنجو مذهبي فرض ٿي ليکيو. اهڙيءَ ريت ماڻهو ميڙا ڪري اچي اسان جي جهنڊي هيٺان گڏ ٿيا.

ان کان پوءِ آءٌ سائيگان ويس. اتي مون کي خبر پئي ته ڪڪراهان ڳوٺ ۾ حالتون نهايت خراب آهن، ۽ اتي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. مون ٻن نوجوانن ”تائو ۽ ”تو“ کي اتي وڃي جانچ ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. تائو ڪجهه ڏينهن کان پوءِ موٽي آيو، هو نهايت ئي مايوس هو. هن مون کي ٻڌايو ته آءٌ پيڙيءَ ۾ چڙهي ڪڪراهان پهتس، جتي ويٽنامين جا ڪل ٽيهارو گهر آهن ۽ هڪڙو مندر آهي؛ جتي

تران جي ٻوڇا ٿيندي آهي. اتي ڪا گهڻا رهاڪو ڀهاڙا آهن. منجهانئن ڪي چانور وڪڻندا آهن، ڪي قاصائي آهن، ڪي وادا آهن. منجهن ڏهه ڏهه ڦوهه جوان ۽ ڏهه ڏهه ننڍيءَ عمر جون ملوڪ ڇوڪريون آهن. اتي غربت تمام گهڻي آهي، ماڻهو اڌ بک ۾ اڌ ڍؤ ڪريو پيا وقت گذارين. رگهو ٻه گهر ماني مڇيءَ وارا آهن."

اهي ڳالهيون ٻڌائي تاڌو نااميدي وچان ڪنڌ لوڏيندي چيو "انهن ماڻهن وٽ انقلاب جو نالو وٺڻ ئي ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ظالمن جهيڙي ڪرڻ ۾ پنهنجو مٿ پاڻ آهن. ڪم ڪار ڪان وانديون ٿي اهائي ڀهاني سڄو ڏينهن ور ڪجهه پيون وڙهن. ماڻهو شراب ۽ جوا جا ڪوڙيا آهن. نوجوان ڪوبه ڪم ڪونه ڪن. يا ته مندر ۾ ويٺا هوندا آهن، يا سڄو ڏينهن جوا پيا ڪندا آهن. اهڙي هند انقلابي تحريڪ کي زور وٺائڻ جو ڪوبه آسرو ڪونهي."

آءٌ تاڌوءَ جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڏاڍو حيران ٿيس ته "هي سمجهو ۽ ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو اهڙيون مايوسيءَ جون ڳالهيون ڪيئن پيو ڪري؟" مون ان وقت تاڌو سان وڌيڪ ڪجهه ڪونه ڳالهايو ۽ کيس آرام ڪرڻ لاءِ چيم. ٻن ڏينهن جي آرام ڪرڻ ڪان پوءِ مون کيس گهرائي چيو:

"منهنجا پيارا، تو اج تائين جيڪو پڙهيو لکيو هو، تنهن تي پاڻي ڦيري ڇڏيئي! تو پنهنجي انقلابي

ٿورنڌي ڏينهن اندر پڻ مذهب وارا ۽ ڪيترا ڪ مذهب وارا پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿي ويا. هنن جي گڏجڻ ڪري، انقلابي ليگ جي ميمبرن کي ڪم ڪرڻ جو نهايت سهڻو وجهه مليو.

مون جداجدا ڳوٺن ۽ شهرن ۾ انقلابي ليگ جي ڪم جي جانچ پئي ڪئي. انهيءَ هلهلان ۾ ڪيترائي پيا ڪارڪن به مون سان گڏ پيا هلندا هئا. آءٌ واٽ ۾ ڪين ويٽنامي لوڪ گيتن ۽ لولين ٻڌائڻ لاءِ منٿ ڪندو هوس، ۽ ڪين چوندو هوس ته ”اسان کي پرديس ۾ ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن، خبر نه آهي ته اڃان به ڪيترو وقت اسان کي وطن کان جدا رهڻو پوي تنهڪري نوهين وطن جا گيت ڳائيندا هلو. اهي گيت اسان جي دلين ۾ وطن سان پيار ۽ محبت جو جذبو وڌيڪ جاڳائيندا.“ منهنجي اها منٿ اجائي نه ويئي. منهنجا ساٿي ڪم پورو ڪيو ۽ ڀڃن شاعرن جا گيت ۽ انقلابي شعر سڄي واٽ ڳائيندا خوش ٿيندا پيا هلندا هئا. ڪڏهن مون به ڳائڻ ۾ سندن وارو پئي ونايو. اهڙيءَ ريت اسين نه رڳو پنهنجي پياري وطن کي ياد ڪندا ٿي رهياسين، پر پنهنجن قومي شعرن ڳائڻ سان اسان جو تڪليفن وارو سفر به آسان بڻجندو ٿي ويو.

جڏهن مون تنظيمي دورو ڪيو، تڏهن ويٽنامين ماڻهن جي زندگيءَ ۽ سندن رهڻي ڪهڻيءَ کي چڱي

اسين پوءِ ساڍي ڇهين گذجي ريلوي اسٽيشن وياسين، جڏهن اچا نه ٿي پهتاسين ته اتي هڪ ڊرائيور کي چيو ته "هي منهن جا گوڙائي آهن. هنن کي پنڌ ساڻ وٺيو وڃ ۽ سندن گهڻو خيال رکجئين." اسان کي انجڻ واري گاڏي ۾ ويهاري، ويندي مهل ڊرائيور کي چيائين ته هنن کي ايڪسر شهر تائين وٺي وڃجئين!" پوءِ اسان سان ٻاڪر پائي، موڪلائڻ وقت چيائين ته "سنڀالي وڃجو، توهان کي ڏيکڏهن اتي ڪو به ڏنڊو نه ملي ته موٽي مون وٽ اچجو، آءٌ توهان کي ڪنهن نه ڪنهن ڪم سان لڳائي ڇڏيندس.

١٩٣٠ع ۾ انقلابي ليگ واري تحريڪ کي هڪ وڏو نقصان پهتو. اسان جي تحريڪ جو بهادر ڪارڪن، "تران ڦو" مري ويو. تران ڦو کي فرانس خلاف قومي جدوجهد ۾ حصي وٺڻ ڪري گرفتار ڪيو ويو هو ۽ جيل ۾ مٿس تمام گهڻا ظلم ڪيا ويا. هن کي چيڇلائي چيڇلائي ماريائون، ڪٽيائون ۽ عذاب ڏنائون ته جيئن ڪين تحريڪ جا راز پڌائي. پر شاباس آهي ان بهادر ساٿيءَ کي جو لڱ لڱ وڍي ڍ وجي ويس پر پاڻ ٻاهر نه ڪڍيائين. سندس انهيءَ بهادريءَ ۽ دليريءَ ڪري فرانس حڪومت مٿس وڌيڪ ظلم ۽ عذاب ڪرڻ لڳي. آخر اهي عذاب سهي سهي مرندو مري ويو، پر دشمن اڳيان آڻ نه مڃيائين. (٦ جنوري ١٩٣١ تي) مون کي به هانگ ڪانگ ۾ گرفتار ڪيو

معاملن تان پاڻ ۾ وڙهي سنهن سچائي ويهي رهندا هئا. مون کي سندن انهيءَ روش جو ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. آءٌ کين سمجهائيندو هوس ته ”توهين انقلابي ٿي ”ڪري ذاتي ڳالهين ۾ اتڪي پاڻ ۾ وڙهو ٿا“ اهو مناسب نه آهي. اوهان کي پنهنجو پاڻ وساري پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻ گهرجي؛ اوهان جيڪڏهن ذاتي جهڳڙن ۾ قائل رهيا ته پوءِ انقلاب ۽ آزاديءَ لاءِ ڪم ڪير ڪندو ۽ ڪير قربانيون ڏيندو؟“ مون کين چيو ته ” هينئر جڏهن پاڻ پرديس ۾ روسي يارن جي مهربانيءَ جا محتاج آهيون، تڏهن به پاڻ ۾ ٻڌيءَ سان رهي نٿا سگهون ته پوءِ پنهنجي ملڪ ۾ ڪيئن گڏجي ٻڌي ڪري دشمن سان لڙندا سين؟ اسان ۾ جيڪڏهن پاڻ ۾ وڙهڻ جي عادت پئجي ويئي ته پوءِ اسان انقلاب آندو سو آندو ۽ آزاديءَ جون نعمتون ماڻيون سي ماڻيون. اسانکي گهرجي ته هر حالت ۾ پنهنجي ذاتي جهڳڙن ۽ ذاتي خواهشن کي وساري، هڪ ٿي، قدم قدم سان ۽ ڪلها ڪلهن ”سان ملائي پهرين جيان مضبوط بنجي دشمن کي پنهنجي وطن“ مان ”لوڏي، پنهنجي قوم کي سامراجين ۽ سندن چاڙتن، غدار سرمائيدارن، جاگيردارن، زميندارن ۽ سردارن کان آجو ڪري، پنهن جي عوام کي سکيو ۽ آباد ڪريون ۽ هڪ نئون سوشلسٽ سماج قائم ڪريون، جو اسان جون قسمتون بدلائي ڇڏيون.“

پاڻ ۾ ٻڌيءَ ۾ هوندا ته دشمن اوهان جي وار جو به ڏالو وني نه سگهندو، ٻڌيءَ ۾ وڏي طاقت آهي. انهيءَ ڪري عام چوڻي آهي ته "گهڻن ڪنئي چپر ڪجي وجي" اها چوڻي وڏيءَ حڪمت واري آهي.

آءٌ شاگردن کي مضمون لکڻ سيکاريندو هوس. آءٌ کين چوندو هوس ته "غلط يا صحيح، هر حالت ۾ لکڻ جي ڪوشش ضرور ڪندا ڪريو!" منجهانئن جيڪڏهن ڪو غلط ترجمو ڪندو هو يا غلط خيال پيش ڪندو هو ته آءٌ انهيءَ کي درست ڪندو هوس ۽ پوءِ کين ٻڌائيندو هوس ته هن مضمون ۾ هي خاميون هيون. کين انهيءَ ڳالهه ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏياريندو هوس ته "لکڻ، ٿوري ڳالهائڻ ۾ اهڙي ٻولي ڪم آڻيو جو اڻ پڙهيل ماڻهو به آسانيءَ سان سمجهي سگهي." منجهانئن ڪي شاگرد اهڙا مضمون لکندا هئا، جن جي پڙهڻ مان ڪوبه مطلب نه نڪرندو هو. اهي مضمون آءٌ پاڻ وري لکندو هوس. پوءِ سندن مضمون ۽ مون وارا لکيل مضمون کين ڏيندو هوس، ته جيئن ٻنهي کي پڙهي فرق محسوس ڪن ۽ آئينده اهڙيون غلطيون نه ڪن.

انهيءَ کان سواءِ آءٌ انگريزي ٿوري چيني زبان جي اخبارن ۾ ڇپيل انهن مضمونن جو ترجمو ڪندو هوس، جن ۾ دنيا جي ملڪن جي عوام جي غلاميءَ، ذلت ۽ ظلمن خلاف جدوجهد جو احوال هوندو هو.

Gul Hayat Institute

انهيءَ ترجمي کي جڏهن انقلابي اسڪول جا شاگرد پڙهندا هئا، تڏهن سندن دلين ۾ انقلابي جذبو اڀري ڪانءِ وڏي طاقتور بڻجي ويندو هو.

آءٌ سچي حياتي وقت جو پابند رهيس، ۽ هڪ پل به ڪڏهن اجايو نه وڃايم. مون هر ڪم لاءِ الڳ الڳ وقت مقرر ڪري ڇڏيو. آءٌ جڏهن روس ۾ هوس، تڏهن به پنهنجن مقرر ڪيل وقتن تي عمل ڪندو رهندو هوس. دوستن سان ملندو به روز هوس، پر وقت تي ويندو هوس ۽ وقت پوري ٿيڻ تي اٿي ايندو هوس. اجاين ڳالهين ڳالهين ۾ وقت وڃائڻ مونکي اصل ڪونه وڻندو هو. تنهنڪري هر هڪ ماڻهوءَ کي پنهن جي قيمتي وقت جو قدر ڪرڻ سيکاريندو هوس ۽ کين سمجهائيندو هوس ته بيڪار ڳالهين ۾ وڃايل وقت وري موٽي نه ايندو، تنهنڪري وقت جو صحيح قدر ڪرڻ گهرجي.

مون کي انقلابي اسڪول ۾ آئي اڃا ٿورا ڏينهن ئي ڪين گذريا ته مون ڪوشش ڪري انقلابي نظريي ۽ تاريخ جي تحقيقاتي ڪاليج جي پهرئين سال ۾ داخلا ورتي. هاڻي آءٌ انسٽيٽيوٽ جي هاسٽل جي هڪ ننڍي ڪمري ۾ رهندو هوس. اهو ڪمرو منهن جي ڪم جو مرڪز هوندو هو.

آءٌ جڏهن روس ۾ هوس، تڏهن منهنجي صحت ڏاڍي خراب ٿي ويئي. لاڳيتي محنت ۽ پورهئي ڪرڻ

Gul Hayat Institute

اتي اسان جي انقلابي ليگ جو اڳواڻ هونگ هو، جنهنجو حجامت جو دڪان هو. ان دڪان جي وسيلي انقلابي تحريڪ جا لڳ لاڳاپا پيا وڌندا هئا. اهو چي ٿان جو ڳوٺ چين ۽ ويتنام ڳنڍيندڙ ريلوي لائين جي هڪڙي ننڍڙي اسٽيشن هئي. هونگ فونگ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي انقلابي قومي ڪم ڪندو هو. مون سان گڏ ڦونگ چي ڪيئن هو، جو هن چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر هو (اهو جولاءِ ١٩٤١ ۾ دشمن سان مقابلو ڪندي شهيد ٿي ويو). اسين پيٺ وجهي دڪان تي پهتاسين ۽ اندر جهاتي پائي ڏٺوسين. ڦونگ چي، هونگ کي سڃاڻندو هو. تنهن اسان کي ڏسي ڀ وري آيو. منهنجي ملاقات ساڻس اڳي ٿيل ڪونه هئي پر منهنجي اچڻ جي خبر کيس پهچي ويئي هئي. تنهنڪري منهنجو تالو ونئي وڏي جوش سان ڀاڪر پائي مليو. پوءِ اسين سڀيئي دڪان ۾ وڃي ويٺاسين ۽ ساڻس ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين. دڪان جي مٿان هڪڙو ڪمرو هو جنهن ۾ هونگ، سندس زال ۽ پٽ هائي رهندا هئا. ننڍڙو هائي جلدي منهنجو دوست ٿي ويو. ڪيئن ۽ مون تنظيم بابت سندس ڳالهيون ٻڌيون. هن اسان جي اڳيان سڄي صورتحال جو نقشو ڪڍي ڏيکاريو. مون پڇيس ”هتي ڀي ڪا وارن جي سيلون آهي ڇا؟“ هن چيو ”ها آهي. ٻه دڪان مٿين طبقي جي ماڻهن جا آهن

ڪندو هو ته آءٌ وري سندس زال جو هٿ ونڊائيندو هوس. آءٌ پٽ رڙيندو هوس پر ڪنهن پاڇي وٽي ايندو هو. هونگ جي زال اسان جي ڪم مان تمام گهڻي خوش ٿيندي هئي. هڪڙي ڏينهن هونگ جي زال چانور وٺي آئي ۽ اچي هيٺ دروازي تي رکيائين ڇو جو ڳوڻ ڳري هئي، کڻي نٿي سگهي. هن ڪاوڙ مان هونگ کي سڏ ڪيو. هونگ کي به ڪاوڙ اچي ويئي سو چاڪڙين سان مارڻ لڳس. هوءَ ويچاري اجهان ڪجهه چوي ٿي چوي ته آءٌ وڃي ستان پهتس. تائيءَ کي جهليم ۽ ڪنهن کي چيم "چانور مٿي کڻي وڃ" مون تائيءَ کي اهو سمجهايو ته "اهو ڪم به پنهنجو اهي. چانور مٿي نه پهچائيندا سين ته کائيندا سين ڇا؟" تنهن تي هونگ پنهنجي اجائي هلت تان زال کان معافي ورتي ۽ جوٽس به روئڻ ۽ منهن سچائڻ ڪانسواءِ ڪيس معاف ڪري ڇڏيو. وري ٻئي کلڻ ڳالهائڻ کي لڳي ويا.

Gul Hayat Institute

رات جو جڏهن سڀ سمهي رهيا ته مون هونگ کي ڏاڍي جٺ ڪئي، مون چيو مانس "مون نٿي سمجهيو ته هڪڙو پارٽيءَ جو ميمبر اهڙي بيوقوفي ڪري سگهي ٿو؟ هڪڙي زائفان کي ائين مارڻ ڪيتري نه افسوس جهڙي ڳالهه آهي. آءٌ ته سوچي نٿو سگهان. اهڙي جي ڪاوڙ ڪيئي ته پوءِ پارٽيءَ جي راڄ جو الله واهي! تون جيڪڏهن پنهنجي عادتن کي

نه روڪيو ته پوءِ تنهنجون اهي عادتون تو لاءِ ۽ پارٽيءَ لاءِ نقصانڪار ٿينديون!“

مون هونگ جي نراڙ تي شرمساريءَ جا موتي چمڪندا ڏٺا. هن واعدو ڪيو ته ”آئينده ائين نه ڪندس. رڳو اها عادت پاڻ مان نه ڪيندس پر ڪوشش ڪري اڄان به پيون جيڪي بريون عادتون مون ۾ آهن سي آهستي آهستي پاڻ مان ڪيندس.“

آءُ هونگ ڦونگ جي ننڍي پٽ هائي جو ڏاڍو خيال ڪندو هوس. ڪيس وهنجاريندو هوس. رات جو سندس ڪپڙا بدلائيندو هوس ۽ ڪيس گرم رکڻ جو بندوبست پڻ ڪندو هوس، متان سيءُ لڳڻ ڪري بيمار ٿي پوي.

آءُ گهڻو ڪري پنهنجن دوستن سان تلاءَ تي وهنجڻ ويندو هوس. هائي مونکي چيني ۽ فرينچ ٻولي تمام سٺي ايندي هئي. پر آءُ تڏهن به پنهنجي مادري ٻولي ڳالهائيندو هوس. منهنجي وات مان ڀلجي به ڪڏهن چيني يا فرينچ ٻولي جو اکر به نه نڪتو. انهيءَ جو سبب اهو هو ته مونکي تجربي جي مقصدن لاءِ جدا جدا نوعيت جو ڪم ڪرڻو هو. هونگ پنهنجي واقفڪار ماڻهن کي چئي ڇڏيو هو ته آءُ سندس پيءُ آهيان ۽ وٽس رهڻ آيو آهيان. هائي جيڪڏهن آءُ ڀلجي ڪڏهن ڪنهن بي ٻولي جو اکر وات مان ڪيان ها ته ڦاسي پوان ها ۽ مون تي شڪ پون ها ۽ ان ڪري

ٿائين علاج ڪريو. ٿوري وقت لاءِ نه، پر جو عارضي علاج سان ڦٽ اهڙي جو اهڙو رهجي ويندو.

آءٌ مهينو کن اُتي رهيس. انهيءَ وچ ۾ چڱو موچارو تنظيمي ڪم ٿي ويو هو. وڃڻ وقت مون هونگ کي چيو "منهنجا ساٿي! آءٌ توسان مهينو کن گڏ رهيو آهيان. انهيءَ عرصي ۾ تو مون ۾ ڪي اڄايون عادتون ڏٺيون هجن، ته مون کي ٻڌاءِ ته آءٌ اهي اڄايون ۽ ڪنيون عادتون پاڻ مان ڪيئن ڪڍان؟"

انهيءَ ڳالهه ٻڌڻ سان هن جي اکين ۾ پاڻي تري آيو ۽ چوڻ لڳو "هي توهان ڪهڙيون ڳالهيون پيا ڪريو؟ توهان جي اچڻ سان منهنجي حياتيءَ ۾ ڦيرو اچي ويو آهي. مون کي ته اوهين ڏاڍا ياد اچيندا ۽ آءٌ سدائين اداس رهندس. مون کي گهٽ ۾ گهٽ ان جو علاج ته ٻڌائي وڃو؟" مون چيو "منهنجي يادگيري دل مان ڪڍي ڇڏ. فقط مقصد ۽ منزل ڏانهن نظر ڪر ۽ اڳيان وڌندو وڃ! پنهنجي دل اندر قومي آزادي، انقلاب ۽ سوشلزم جو خيال ڇانيل رک."

ان ڪانپور مون ڪانٽس موڪلايو ۽ روانو ٿي ويس. جڏهن آءٌ سائيس ۽ پاڪر پاڻي موڪلائي رهيو هوس ته ان مهل هونگ جي اکين ۾ لڙڪ پيا ڪري آيا. سندس زال ۽ ٻار به پنهنجي جذبي کي لڪائي

نه سگهيا، جيئن اکيون لڙڪن سان پريل هيون. انهيءَ
حالت مون تي تمام گهڻو اثر ڪيو. پر مون
پنهنجو پاڻ کي جلدي سنڀالي ورتو ۽ کين سمجهائڻ
لڳس ته ”ڪن خاص سٺن انقلابي ماڻهن جي پوڄا
ڪرڻ بدران سڀني اعليٰ انقلابي اصولن کي هميشه سان
هڻندا بو. جيڪڏهن ڪو انسان وڏو ۽ عظيم بڻجي ٿو،
ته اهو اصولن ۽ عمل جي ڪري بڻجي ٿو. انهي ڪري
انهيءَ ماڻهوءَ کان اهي اصول ۽ عمل اعليٰ ۽ مقدس
آهن، جيڪي ان ماڻهو جي عظمت وڌائين ٿا. ڪنهن
هڪڙي خاص شخص ماڻهوءَ سان پيار ڪرڻ بدران پاڻ
کي انهن مقصدن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو، جيڪي اسان
کي زندگيءَ جي سمجهه، جان ۽ انسانيت جو مقصد
سيکارين.“

تنهن کان پوءِ آءٌ پاڪ ڪئمپ، هونگ ۽ سنڌس گهر
کان آهستي آهستي پري ٿيندا وياسين. آءٌ انگر ڇين
۽ ويتنام جي مختلف علائقن گهمندو رهيس. منهنجي
ذهن ۾ تن ڏينهن رڳو اها هڪڙي ڳالهه ويٺل هئي
ته ”ڪهڙي نموني انام جي پارٽي ”انقلابي ليگ“
مضبوط کان وڌيڪ مضبوط بنيادن تي بيهي، ۽ اسان
جا ڪارڪن تحريڪ جي مقصدن کان پوري طرح
خبردار ٿين. ڪيئن کين مارڪسزم ۽ لينن جي
انقلابي سائنس ۽ علم جي اهڙي ۽ چڱي ريت ڄاڻ
حاصل ٿئي، جو هو انام جي خاص ماحول ۽ مزاج

Gul Hayat Institute

ڪري نظر ۾ رکندي آهڙي جدوجهد لاءِ ڪمر ڪشين جنهن جو قبل آزاديءَ جي چمڪندڙ سج جيان هجي! جپان ۽ چين جي وچ ۾ جنگ پئي هلي، تنهن ڪري آسان جا تقريباً سيئي چونڊ ساٿي ڪنمنگ ۾ گڏ ٿي ويا هئا. ڪنمنگ تن ڏينهن ۾ تمام وڏين سرگرمين جو مرڪز هو. ڪنمنگ جي مقامي ڪارڪنن ۾ دوانهه جو ٿالو برڪت هو. ڪيش عام طرح ترنهه ڙونگ ٿهائي جي ٿالي سان سڏيو ويندو هو. هو ڪنهن ڪمپنيءَ ۾ ڊرائيور هو. هو پنهنجي ڪمائي ڏون ڪارڪنن تي خرچ ڪندو هو. انهي سان گڏو گڏ ڪمپنيءَ جي آفيس ڪارڪنن جي ملاقات جو مرڪز هئي. جڏهن آءُ ڪنمنگ وڃڻ وارو هوس، ته مون کي انهيءَ آفيس ۾ ترهن جو ڏس ڏنو ويو. هن منهنجي تمام گهڻي خدمت ڪئي. اها فيبروري ١٩٤٠ جي ڳالهه آهي. مون ترنهه سان ملي ڪنمنگ ۾ تحريڪ جي باري خيال ۽ احوال معلوم ڪيو. ترنهه مون کي ٻڌايو ته هتي پارٽيءَ جا ٻه مرڪز آهن. هڪڙو لڪل ٻيو ظاهر. ظاهر مرڪز ته هڪ دڪان آهي، پر لڪل مرڪز ٻيو آهي، جنهن جي خبر رڳو ڪارڪنن کي آهي. هن ٻڌايو ته انهي لڪل مرڪز تي وڃڻ کان پوءِ توهان کي سڄي حالت کان واقف ڪيو ويندو. سندس اها ڳالهه بلڪل جائز هئي. تنهنڪري مون مان ڪئي.

Gul Hayat Institute

آءٌ ٽرنهه سان گڏجي لڪل مرڪز تــي ويس جني ڦونگ ڇي کئين مليو. تحريڪ جــي ٻين ڪارڪنن مان هونگــ وان هونگ، پروفيسر نگوين ۽ گياپ ( جــنهن بابت گوريلا جنگ جو جڳ مشهور ماهر ۽ سپه سالار، فاتح ڊين ڦو ۽ اتر ويٽنام جو وزير دفاع ٿيو) جا نالا قابل ذڪر آهن. اهي ٻئي مرڪز کان ٿورو پريرو رهندا هئا. هونگ وانگ درزيءَ جي دڪان تي درزڪو ڪم پيو سکندو هو. هــو. جيڪو ٿورو گهڻو ڪمائيندو هو، سو کئين، گياپ ۽ پاڻ تــي خرچ ڪندو هو. مون جڏهن ترنهه کان هونگـــ ۽ گياپ جي جاءِ جو ڏس پڇيو ته هــن چيو "فڪر نه ڪريو، هو لڪل هند تي رهن ٿا جڏهن اسان کي سندن ضرورت پوندي آهي تڏهن کين هتي سڏائيندا آهيون."

انهيءَ کان پوءِ مون کي چيائين جي ڪم جو احوال ڏنائين ته کين پارٽي جي خيالن ۽ نظرين کي عوام ۾ ڦهلائڻو پيو وجي. مون کي خبر پيئي ته مڪنگـــ ۾ ليٿو پريس مان ڇپجي کين اخبارون نڪرن ٿيون. پارٽي هتان هڪ اخبار ڪڍندي هئي، جنهن جو نالو "ٻينگ" يعني "اسان جي پارٽي" آهي. سندس مختصر ذڪر ڏئي تي آهي. مون بـ انهيءَ اخبار لاءِ ڪيترائي مضمون لکيا ۽ پيغام ڪارڪنن کي بہ نصيحت ڪيم ته عام ماڻهن جي سمجهه جهڙا مضمون لکو. ترنهه

Gul Hayat Institute

تنهن ڪيترن ئي ويٽنامين جي فوج تيار ڪري ورتي.
سائنس ڪيترا اهڙا ساٿي به شريڪ ٿيا جن چيانگ جي
فوج ۾ اڳيئي ڪم ڪيو هو. جن به ماڻهن فرينچ
سامراج خلاف جدوجهد ڪرڻ جو قسم ٿي کنيو، تن
کي پنهنجي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي ڪيائون، پوءِ کڻي
اهي ڪميونسٽ هجن يا نه. تنهن ڪانپوءِ سڀيئي ماڻهو
ويٽنام روانا ٿي ويا. آءٌ ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪمنگ
۾ ترسي پيس. ترنهه منهن جو لاڳاپو رکندڙ آفيسر هو.
منهن جي ترنهه جو مطلب هو ته جيڪڏهن ڪنهن
شيءِ جي ضرورت پئجي وڃي، ته آءٌ اها آساني سان
هٿ ڪري سگهان.

مون ترنهه کي چين ۽ جپان جي جنگ جو پورو
نقشو چڱي ريت سمجهايو. ان وقت چيني ڪميونسٽ پارٽي
جپان جي خلاف چيانگ ڪائي شيڪ جي مدد پئي
ڪئي. ڪيترا ماڻهو انهيءَ ڳالهه تي رنج هئا. ترنهه
کي به اها ڳالهه ٿي وڻي. مون چيس ته ”چيني
ڪميونسٽ پارٽيءَ پاران تمام ڀلو ڪم ڪيو آهي.
چيانگ ڪائي شيڪ سان ٺاهه ڪرڻ ڪري پاڻ انهيءَ لاءِ
کي ريتا جنهن پل جي عام چينين سان ملڻ ۽ کين
سياسي تعليم ڏيڻ جو وجهه ملندو.“

منهنجو ڪم پڄاڻي تي پهتو. تڏهن آءٌ به سفر لاءِ
تيار ٿيس. ترنهه جي ڊيوٽي به ختم ٿي ۽ اسين
گڏجي وطن روانا ٿياسين.

هو. انهيءَ غار ڪي ”پيڪ بو“ جي نالي سان سڏيو ويندو هو*. پيڪ بو ۾ اسين هميشه جاين پيا بدلائيندا هئاسين. اسان جي حفاظت ڪرڻ لاءِ ٻه انقلابي پهريدار دستا پهرو ڏيندا هئا. لي ڪوانگ ۽ ڪووان انهن دستن جا ڪمانڊر هئا. ڪڪ تن منهنجو ذاتي باڊي گارڊ هو. هو پوءِ اتر ويٽنام ۾ شهيد ٿي ويو.

آءٌ روز صبح جو سوير اٿي سڀني جا جدا جدا ڪم جاچيندو هوس. وڏي توڙي ننڍي هر ڪم جي نظرداري ڪندو هوس. پيو ته نهيو پر جتين جي مرمت ۽ ڪپڙن سبڻ جي ڪم تي به نظر رکندو هوس. مضمون وقت جنهن نه ڪنهن ڪم ۾ رڌل هوندو هوس. مضمون پڙهندو هوس. ڪتابن جا ترجما ۽ پيا ڪم ڏسندو هوس. آءٌ ساٿين کي انقلابي راز سانڍڻ لاءِ خاص نصيحت ۽ تاڪيد ڪندو هوس. چوندو هوس ته هر ڪو ڪم خبرداريءَ ۽ احتياط سان ڪريو. هڪڙي ڏينهن هڪڙي جوان مون کان پڇيو ”رازداري جي معنيٰ ڇا آهي؟“ مون چيو ”رازداري جو مطلب آهي ته نه ڪجهه ٻڌو نه ڪجهه ڏٺو ۽ نه ڪجهه ڄاڻو. جيڪڏهن ڪو به توهان کان ڪو سوال پڇي ته توهان هي جواب ڏيو ته ”نه مون وٽ ڪجهه آهي، نه ڪجهه ڏٺو آهي ۽ نه وري مون کي ڪا خبر آهي.“

---

* ڏسو ”پڇاڙي“ ۾ (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل) احوال نمبر ١٦ کان ٤

Gul Hayat Institute

ڪري بون پيا سو واجبي آهي. سامراج ڪوڙو آهي. حق جي لاءِ تلوارون اپيون ڪرڻ ۽ ميدان ۾ نڪري اچڻ سندن فرض آهي. منهنجا ساٿيو! توهان کي به لينن جي تعليم تي عمل ڪري پروپيگنڊا جو ڏاتو هٿ ۾ کڻڻ گهرجي. سوين اتڪل سٺ جوان انهيءَ ڪم لاءِ چونڊيا، جيڪي گهر گهر وڃي جپان ۽ فرانس خلاف انقلابي تبليغ ڪندا هئا ۽ ساٿين کي تيار ڪندا هئا.” ”اسان جي تحريڪ لاءِ هاڻي عوامي مدد حاصل ڪرڻ جو وقت پهچي ويو هو. اڳ عوام سان لاڳاپي پيدا ڪرڻ تي گهڻو ڌيان ڏيندو هوس، اڳ چوندو هوس ”جيستوڻيڪ اسين لڪي ۽ ڇپي هندن تي رهون ٿا، تڏهن به اسان کي عوام سان لاڳاپي رکڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. اسان کي اهڙن ساٿين جي ضرورت آهي، جيڪي اسان جي حفاظت ڪري سگهن ۽ اسان جي چوڌاري گهيرو ناهي بيهن ۽ اسان کي دوست دشمن جي خبر پهچائي سگهن.”

Gul Hayat Institute

اسين چانور ۽ ڪڻڪ جو بوسو کائي، رات جو پٽ تي گاهه وڇائي سمهي رهندا هئاسين. منهنجي صحت تن ڏينهن نيڪ نه هئي. تنهن جي ڪري انقلابي ڌڙي دوست مون کي چوندا هئا ته ”تون سڪو ڪاٺو.

تي مهاتما گوتم ٻڌ جي تصوير ٽنگيل رکي ۽ هاري ساٿين کي چيم ته "توهان کي پارٽيءَ طرفان هي سوکڙي ڏيان ٿو." تنهن کان سواءِ هڪڙو ريشمي چلڪندڙ رنگين ڪاغذ ۾ ويڙهي مهاتما ٻڌ جي مورتي پرسان رکيم ۽ هاري ساٿين کي چيم ته "هي ريشمو پارٽيءَ طرفان توهان کي خرچي آهي. هن ريشم جي ٿورڙي رقم ۽ ڏانهن نه نهاريو پر توهان کي جيڪا انقلابي وطن دوست پارٽي اهو ريشمو ڏيئي ٿي، ان جي اهميت ۽ شان کي ڏسو."

انهن ڏينهن پارٽيءَ جي مرڪزي اجلاس ۾ اسان هڪ اهڙو گڏيل قومي محاذ ناهڻ تي ويچار ڪيو، جنهن ۾ اسان جي قومي دشمن فرينچ سامراج خلاف جدوجهد ڪرڻ وارا سڀئي ٽولا ۽ پارٽيون پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي گڏجي ورهن. مون هن ڳالهه تي خاص ڌيان ڏنو ته انهيءَ محاذ جو نالو اهڙو هجي، جنهن مان وطن جي حب ۽ پيار ظاهر ٿئي ۽ ڪنهن به ماڻهوءَ کي انهيءَ نالي مان ڌاريائيءَ جي بوءِ نه اچي. تنهنڪري انهيءَ محاذ تي "ويٽنام جي آزاديءَ جو محاذ" جو نالو رکيوسون.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ نازي حيوانن روس تي حملو ڪري ڏنو. اسان سڀني جي دلين ۾ ڏک ۽ ويچار جون لهرون ڊوڙڻ لڳيون پر مون سڀني کي چيو ته "دل وڏي ڪريو! زار جي زماني ۾ روس وڏن زميندار،

Gul Hayat Institute

جاگيردارن ۽ نوابن جي قبضي ۾ هو ۽ تمام گهڻو
ڪمزور هو. پر انهيءَ وقت به جڏهن نيپولين جهڙي
زبردست شهنشاهه ۽ هاڪاري سپهه سالار روس تي حملو
ڪيو، تڏهن روسي عوام انهيءَ کي شڪست ڏيئي ڇڏي.
اڄ جڏهن روس هيڏي ترقي ڪري سوشلزم جي رتبي
کي پهتو آهي ۽ جڏهن وٽس هڪ اعليٰ درجي جي سياسي
پارٽي ۽ ليڊر شپ آهي ۽ باشعور ماڻهو آهي، تڏهن پڪ
آسان روس تازين کي شڪست ڏيندو."

انهيءَ وچ ۾ اسان جي تنظيم سڄي ملڪ ۾ ڏاڍي
مقبول ٿي ويئي هئي، هاڻي اسٽن فرانس ستان مقابلي
ڪرڻ جهڙا ٿي وياسين* تنهنڪري اسان کي پيڪ چو
جا غار ڇڏي ڪائوبينگ صوبي ڏانهن قدم وڌايا.
اسين رات جو اونداهيءَ ۾ روانا ٿياسين. مون ڪلي
"ستگتين کي چيو "هاڻي پاڻ فرينچن کان بچڻ جو
طريقو سمجهي ويا آهيون." انهيءَ جملي تي سڀيئي
ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. هتي اچي مون روس جي
ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تاريخ جو ترجمو ڪرڻ شروع
ڪيو. منهن جي پراڻي ٽائپ رائٽر منهن جو ساٿ ڏنو ۽
ٿورن ڏينهن ۾ مون سڄي ڪتاب جو ترجمو ڪري
ورتو. جڏهن آهو خير سان پورو ٿيو تڏهن مون خوشيءَ

* ڏسو "پڇاڙي" ۾ (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل) احوال نمبر ۵ کان

۾ پنهن جي سگتين جيءَ دعوت ڪئي ۽ ڪين گوشت ۽ ڀاڄيءَ جا ٻوڙ ڪاڙايم.

فرينچ اسان جي ڳولا ۾ هئا ۽ اسان جي لڪڻ جون جايون پئي ڳوليائون. سندن جاسوس هر هنڌ هر ڪنهن پاسي موجود هئا. اسان جي ٻن مجاهدن لي ڪونگ يا ۽ هونگ فيصلو ڪيو ته جنهن تي به شڪ پوي ته هي فرينچ جاسوس آهي انهيءَ کي جيئرو نه ڇڏجي. آءٌ سندن انهيءَ ارادي کي سمجهي ويس. پلا اهو به ڪو انصاف ٿيو ته رڳو ٿوري شڪ پوڻ تي ماڻهو کي ختم ڪري ڇڏجي- مون کين روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تاريخ پڙهڻ لاءِ ڏني ۽ سختي سان چيو مان "اسان جي عظيم انقلابي استاد ۽ اڳواڻ لينن ماڻهن کي خواهه مخواهه قتل ڪرڻ جي باري ۾ جيڪي چيو آهي، اهو ضرور پڙهجو!" سندن انهيءَ تاريخ پڙهڻ جو اهو نتيجو نڪتو جو هنن پنهنجو اهو ارادو بدلائي ڇڏيو. جولائي ١٩٤٢ ۾ مون کي "ويٽنامي آزاديءَ جي محاذ" جو نمائندو ڪري چين موڪليو ويو ته آءٌ اتي چين جي حاڪم مارشل چيانگ ڪائي شيڪ سان ملاقات ڪريان. پر اهو رڳو هڪڙو بهانو هو. اصل مقصد هي هو ته چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ سان لاڳاپو قائم ڪجي منهنجي سڄائپ واري ڪارڊ تي هي اکر لکيل هئا.

Gul Hayat Institute

”هوچي منهه — اخباري خاطو — ويٽنام — چين جو رهاڪو.“

نه ئي ٽونگ يا منهن جو لاڳاپي پيدا ڪندڙ آفيسر هو. مون هڪ نابين جو ويس ڪيو هو. منهن جي هٿ ۾ هڪڙو لڪڻ هو، جنهن کي جهلي لي ٽونگ مون کي وٺيو پي ويو ۽ آءٌ سندس پٺيان پٺيان پي ويس سرحد پار ڪرڻ کان پوءِ مون هڪ چيني دوست کي پنهنجو نمائندو مقرر ڪيو ۽ پر وٽس سڄاڻپ جا ڪاغذ هئا ئي ڪونه، تنهنڪري پڪڙجي پيو. انهيءَ سان گڏ آءٌ به جيل ۾ پيس. اهو چيني دوست جيل ۾ مري ويو ۽ ٻاهر هل پئجي ويو ته هوچي منهه مري ويو (١). پر پوءِ انهيءَ ڳالهه جي ترديد ڪئي ويئي. مون جيل مان به ڪنهن نموني پيغام موڪلڻ جي واٽ ڳولي ڪڍي. ڪيترن ئي جيل جي ملازمن جي دل ۾ انقلابي خيال پيدا ٿي ويا. پر مون کي ترت وري ٻي جيل ۾ موڪليو ويو. اهي ڏينهن منهنجي زندگيءَ جا سخت ڏينهن هئا (٢) چيانگ ڪائي شيڪ جي عملدارن جيل ۾ به مون کي آرام سان وهڻ نه ڏنو. ليوشو ۾ سخت نظربندي وارن ڏينهن گذارڻ کان پوءِ سيپٽمبر ١٩٤٤ع ۾ آءٌ وري پيڪ باڻو پهتس. اسان جي گوريلا

---

(١) ڏسو ”پڇاڻي“ ۾ (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل) احوال نمبر ٨

(٢) ڏسو ”پڇاڻي“ ۾ (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل) احوال نمبر ٩

ڇهنگ ۽ ميدان سيني تي تنهنجا پائر قبضو ڪري ويٺا آهن. هنن قربت ۽ ظلم جي حد ڪري ڇڏي آهي. اسين تنهنڪري ڪين ڪڍڻ لاءِ سندن پويان هٿ ڌوئي پيا آهيون. اسان ڪين ڇيو آهي ته ”توهان پنهنجن ملڪن ڏانهن هليا وڃو. وڃي پنهنجي وطن سڌاريو ۽ پنهنجي مبڪ ڪن مضبوط ڪريو. اسان جي پڇر ڇڏيو ته اسين ڏبرڙيل مسڪين ماڻهو پنهنجي جو گهر سڌاري، هـن ظلم، بک، بيماري ۽ غلامي مان نڪري ڪو سک جو ساهه کڻون!“

ليفٽيننٽ ”شا“ جي دل تي منهنجين ڳالهين جو ڏاڍو اثر ٿيو. ڪيس ڪيترائي ڏينهن مون وٽ رهڻو پيو. جڏهن حالتون سازگار ٿيون، تڏهن اسان ڪيس عزت، آبروءَ ۽ حفاظت سان سندس آمريڪي دوستن جي حوالي ڪيو. موڪلائڻ مهل ليفٽيننٽ جي دل شڪرگذاريءَ جي جذبي سان ڀرپور هئي ۽ سندس اکين ۾ سمجهه ۽ احساس جي چمڪ هئي.

فرانس ويو ته جپان آيو ۽ اٽڪل پنج سال ويٽنام جي سرزمين تي قبضو ڪريو ويٺو هو. پر اسان جي آزاديءَ جي مجاهد گوريلن جپانين کي هڪڙو ڏينهن به آرام سان ويهڻ نه ڏنو. اهي مٿن اوچتو وڃ وانگر وڃي ڪڙڪندا هئا، سندن هٿيارن ۽ بارودن جي گدامن کي باهيون ڏيندا هئا ۽ تمام گهڻو نقصان پهچائيندا هئا. جپانين جي خلاف اسان جي مجاهدن

Gul Hayat Institute

جهڙي نموني جنگ ڪئي ۽ جهڙي جهڙي نموني کين نقصان رسايو، انهن جو ڪجهه تفصيل مون هڪڙي پڙيس ڪانفرنس ۾ ٻڌايو آهي. اهي تفصيل ٻڌي ماڻهن وائن ۾ آڱريون ٿي ڇڏيون وجن، ڪڏهن ڪڏهن ته گوريلا مجاهد اڪيلي سر سون سپاهين کي ماري وجهندا هئا. هڪڙي پيري هڪڙو گوريلو مجاهد اڪيلي سر هڪڙي رات هڪڙي جپاني چانوڻي، جنهن جي خبر چار وٺي ويو. انهيءَ چانوڻيءَ ۾ پنج سؤ کان مٿي جپاني سپاهي مورچا ناهيو ويٺا هئا. هڪڙي پهريدار چانوڻيءَ تي پهرو پاي ڏنو. اتفاق سان هن کي ڪنهن مهل ننڊ وٺي ويئي. گوريلي مجاهد جو اهو سونهري وجهه ڏٺو، سو تپ ڏيئي ڪٽي پهريدار کي، نڙيءَ تي ننهن ڏنائين، ڪيس پڙڪ به ٻاهر ڪڍڻ نه ڏنائين، پوءِ ڪيس پورو ڪري يڪدم سندس ڪپڙا لاهي ۽ اهي ڪپڙا پاڻ ڪٽي پاتائين. چانوڻيءَ جي جپانين کي خبر ڪانه پيئي ته مٿن پهرو ڪير پيو ڏئي! هو بيخبر سُتا پيا هئا. گوريلي مجاهد اڪ چنپ ۾ چانوڻيءَ جي چوڌاري بارود پکيڙي انهيءَ کي ڪٽي باهه! ڏسندي ڏسندي سڄي چانوڻيءَ هڪ ڌماڪي سان اڏامي ويئي. ڪي به ته آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪي جپاني مس بچيا! اهو هو به هڪڙو ننڍڙو مثال، پر اهڙا واقعا ته روز پيا ٿيندا هئا. نيٺ جپاني پڳا. پر جپاني ويا ٿي مس ته وري

فرينچن اچي نڪاءَ ڪيو! پر اسان فرينچن سان ٻه ساڳيا چٽاڻين جهڙا حال ڪيا. آخرڪار فرينچ جي وڏي وزير مون کي صلح جي ڳالهين لاءِ پيرس ۾ سڏايو (١). آءٌ ويس ڳالهيون ٻوليون ٿيون. فرينچ ويٽنام خالي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا پر وڃڻ وقت اسان جي ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيائون. اتريئين حصي تي انقلابي عوام جي حڪومت جو جهنڊو ڦڙڪڻ لڳو. پر ڏاکڻو حصو سامراجين جي سازش جو اڏو بڻجي ويو. مون کي اترئين حصي جو صدر چونڊيو ويو (٢). پر ڏسان پيو ته اڃان آسمان صاف ناهي. سامراجين سان اڃا به ٽڪر ٿيندو ۽ تڏهن نيٺ ويٽنام کي ملائي هڪ ڪري سگهبو. اڃا اسان جي راهه اڀاهه مشڪلاتون ۽ مصيبتون آهن. پر مون ۽ منهنجي انقلابي قوم پنهنجي ڪلهن تي جيڪو آزاديءَ جي هٿيار بند جدوجهد جو بار کنيو آهي، سو ڪونه ڇڏينداسون. مون سڄي حياتي جدوجهد ۾ گذاري آهي. پاڻ کي عوام جي حقن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو اٿم ۽ ايندڙ وقت ۾ به ائين ئي ٿيندو مون پنهنجي زندگيءَ جو جيڪو رستو اختيار ڪيو آهي، تنهن تان ٽر جيترو به هٽان، سو سوال ئي

---

(١) ڏسو ”پڇاڙي“ ۾ (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل) احوال نمبر ١٠

(٢) ڏسو ”پڇاڙي“ (ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل) احوال نمبر ١١

Gul Hayat Institute

نئو پيدا ٿئي. منهن جي رستي جي رڪاوٽ مون کي نئون ولولو، نئون حوصلو ۽ نئين همت بخشي ٿي. اسان جو رستو برابر ڪنڊن ڀاڱن ڀريو پيو آهي. پر منهنجي بهادر ۽ مظلوم قوم ۽ ان جو انقلابي عوام انهن ڪنڊن کي هڪڙو هڪڙو ڪري هٽائي ڇڏيندا! فتح ويٽنام جي ٿيندي!! فتح دنيا جي سڀني مظلوم قومن ۽ مظلوم طبقن جي ٿيندي!!!

[جبل جاري جڪي، جو آڏو عجبن کي
توڻي لٽڪن لک، سڄ لنگهيديس سڪمان]

(شاهه)

Gul Hayat Institute

(هندر هوچي منهن جي ٻاڙ ٻڪيل
ٻنهنجي ڪٿاڏي ٻوري ٿي.)

# پڇاڙي

٢٩ صدر هوچي منهه پنهنجي حياتي ۾ انقلابي قومي جدوجهد جو احوال فقط ١٩٤٦ تائين لکيو آهي، يعني پاڪستان قائم ٿيڻ کان هڪ سال اڳ تائين. فرينچن ١٩٤٤ ۾ ويٽنامي عوام ساڻ سندن اڏ ملڪ خالي ڪرڻ جو معاهدو ڪيو. پر هو ان وعدي تان جلدئي ڦري ويا. هنن ١٩٤٥ ۾ دغا ساڻ آزاد اتر ويٽنام تي حملو ڪيو ۽ ويٽنام جي مجاهدن ۽ سندن عظيم اڳواڻ صدر هوچي منهه کي وري به اترئين آزاد اڌ ملڪ جو تخت گاهه ڇڏي جبلن جا غار ۽ ٻيلا وسائڻا پيا.*

پر هنن پنهنجي آزاديءَ جي هٿيار بند انقلابي تحريڪ جاري رکي ۽ ڏکهي عوامي جنگ جي حڪمت عمليءَ تي عمل ڪري، ڊيئن بيئن ڦوءَ جي جابلو ميدان جنگ ۾ فرينچ دغاباز سامراجين کي عبرتناڪ تاريخي شڪست ڏنائون. پر ننڍا سامراجي يعني فرينچ اڃا نڪتا ئي مس ته سڄي دنيا جي ظالم سامراجين جي لٽ سردار آمريڪا اچي ڪپ کوڙيا.

---

* ڏسو احوال نمبر ١٢

Gul Hayat Institute

ويٽنامي قوم، سندن انقلابي اڳواڻ پارٽي ۽ مجاهد ڪارڪن ان اجگر بلا کان به نه ڊنا ۽ سائنس- مقابلو ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ ٽپي پيا، تان جو آمريڪا اهڙي شڪستون کاڌيون آهن، جن سندس ڇيلهه ڇني ڪري وڌي آهي ۽ خود سندس گهر ۾ گهوٽالو ۽ واويلا پئجي ويئي آهي ۽ هو سڄي دنيا ۾ خوار خراب ٿي ويئي آهي.

آزاديءَ جي جنگ هلندي صدر هوچي منهه ١٩٦٩ ۾ وفات ڪري ويو:

[آءٌ نرڳتي پرين کي تون ٿو لهين سچ،
آءٌ جي ڏٺين سينها نئين پريان کي ڏج،
وڃي ڪيچ ڇنج، ته ويچاري وات مئي. (شاهه)]

هو وصيت ڪري ويو ته:

"جدوجهد جاري رکجو ۽ وطن جي هڪڙي ٻاڙي به دشمن جي حوالي نه ڇڏجو."

صدر هوچي منهه اڄ رڳو ويٽنام جو نه پر سمورين مظلوم قومن جو هيرو ۽ اڳواڻ ڪري ڄاتو وڃي ٿو. صدر هوچي منهه جي اڳواڻي هيٺ دلير ويٽنامي قوم، سندن انقلابي پارٽي، سندن جانباز فوج، ويٽنامي مردن ۽ عورتن، ٻاين ۽ ٻارن جيڪي شاندار تاريخي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن، تنهن سڄي دنيا ۾ رهندڙ مظلوم ۽ ستايل قومن کي سبق سيکاريو آهي ته ڪا به قوم ڪٿي ڪهڙي به هيٺي هجي،

Gul Hayat Institute

پيڙيل، ستاريل هجي، پوئتي پيل ۽ اڻ پڙهيل هجي پر جيڪڏهن ان ۾ اڻ ورچ انقلابي عوامي جدوجهد ۽ هٿيار بند عوامي جنگ جو جذبو موجود آهي، ته اها زور زمين جي وڏي ۾ وڏي ۽ هر قسم جي ظالم قوم ۽ ظالم طاقت کي شڪست ڏيئي، پنهنجي آزادي حاصل ڪري سگهي ٿي.

روءِ زمين جا مظلوم ۽ مجاهد ماڻهو ۽ قومون ته پنهنجي ڪري هوچي منهه ۽ سنڌس انقلابي قوم کي انقلابي امام ۽ مرشد ڪري مڃين ٿا. جيستائين حق جي ناحق سان جنگ جاري رهندي، تيستائين صدر هوچي منهه ۽ سندس دلير ۽ دانا قوم جو نالو پيو ڳائبو.

(رسول بخش پليجو)

## احوال نمبر: ١

... فرينچ مصنف ژان لاڪوتيور هوچي منهه جي وطن موتي اچڻ ۽ ويٽنام جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪرڻ بابت جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

”جنوري ١٩٤١ ۾ تنگوانيراي ڪوڪ جهڙن ڪنهن ماڻهن ”چاچاهو“ سڏڻ شروع ڪيو هو. سو ٽيهن سالن کان پوءِ پنهنجي وطن موتي آيو. هن پنهنجو هيڊ ڪوارٽر پاڪبو سرحد تي قائم ڪيو، جو ڪاؤبانگ ۽ تس تسي چن جي جبلن جي وچ ۾ هئي. هن هڪڙي

جيل ۾ هڪڙو غار کوليو ويو، جنهن جي ويجهو نديءَ ۾ هئي. هو هن ڇڙواري گرم علائقي ۾ وٽن بيان ڪيل جيل جي وچ ۾ سچوا سال رهيو. هن جيل جو نالو ڪارل مارڪس ۽ نديءَ جو نالو لينن رکيو ويو هو. تمام گهڻي محنت ڪري پنهنجن ساٿين کي سياسي تعليم ڏني. هو نيري رنگ جي ڪپڙن ۾ ڇپيل انهي علائقي جا ماڻهو پائيندا هئا. پنهنجن ساٿين جون سائيڪلو اسٽائيل ڪيل اخبارون ورهائيندو هو ۽ ان علائقي ۾ هرهنڌ گهميو. ” ... ......

انهيءَ هنڌ هوچي منهه ٢٩ آگسٽ ١٩٤٢ ۾ هند چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو اٺون اجلاس سڏايو ۽ ان جي صدارت ڪيائين. اهڙي ريت دنيا جي مشهور انقلابي قومي تحريڪن مان هڪڙي تحريڪ ”ويٽ منهه“ تحريڪ جو، تارين جي ڇهيل هڪڙي جهوپڙي ۾ بنياد وڌو. ان جهوپڙي ۾ رکيو بانس جي ڇهيل هڪڙي ميز هئي، سڀ ميمبر ڪاٺ جي بندن تي ويهندا هئا.“

## احوال نمبر: ٢.

ڪيٿولڪ شاگرد ايسوسيئيشن جو صدر ”نگوائين مانه“ سڄي ڪوشش ويٽ منهه جي انقلابي قومي حڪومت جو وزير ٿيو. ان زماني جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

”هوچي منهه لاءِ چيائون ٿي ته انقلابي قومي

بغاوت جي اڳواڻي پيو ڪري. اسان سمجهي ويا سون ته هي اهو ساڳيو انقلابي نگوئين اي ڪوڪ آهي، جيڪو جواني ۾ اسان جي ذهن تي سوار هو، ۽ جنهن اسان جي خيالن کي حقيقت بڻائي ڇڏيو......

- جنرل گياپ جنهن بغاوت جي فوجي اڳواڻي پئي ڪئي، سو روز شام اٺين کان ٻارهين بجي تائين وزارت جو ننڍڙو اجلاس ڪندو هو. هن هڪڙي اجلاس ۾ چيو ته ”شايد پهنجي اجلاس ۾ هو چي منهه به ايندو.......“

”ٻئي ڏينهن اجلاس ۾ اسان هڪڙي نئين ماڻهو کي پاڻ ڏي ايندو ڏٺو. هن کي بدن تي بشرٽ هئي ۽ پيرن ۾ هوائي چپل هئي. مٿي ۾ هڪڙي پوري رنگ جي عجيب غريب ٽوپي پيل هيس. اسان ڏٺو ته هو ڪو گوناڻو هاريءَ اچي هينئر هن وهائي، ٻڪريون ڇوڙي گهر آيو آهي.“

احوال نمبر ٣

فرانس سان جنگ ڪرڻ جو ”اعلان“ ڪرڻ لاءِ هڪڙو عام جلسو سڏايو ويو. جنرل گياپ انهي جلسي جو احوال ڏيندي لکي ٿو:

”جيڪي به ماڻهو انهيءَ جلسي ۾ موجود هئا تن کي ياد هوندو ته ڇاڇاڻ هو. انهي جلسي ۾ ڪجهه پهنو. ڪيترن ڏينهن کان لڳاتار مينهن جي

اوت پئي پيئي. دريائن جي اڌل هئي. جهر جهنگ ٻڏو پيو هو. رستا پاڻيءَ سان ڀريل هئا. جنهن پاسي ڇاڇا هو پئي آيو، تنهن پاسي کان بيا ٻہ ڪيترا هاري ناري جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پئي آيا تہ وات تي ڏنائون تہ هڪڙي ڪنان تار نئي گهوگهٽ ڪندي پئي وهي! ماڻهو بيهي رهيا تہ پل پاڻي ڪجهہ گهٽ ٿئي. پاڻيءَ جي گهٽ ٿيڻ جي انتظار ۾ بيٺا هئا، پر هن ڇاڇا ڪنهن هم نہ ڌم، هڪ تڙ ڇاڇي اتان ٽوڪي نئي ۾ گهڙي پيو. ٻيا ماڻهو اهو ڏسي لاچار آهستي آهستي سندس پٺيان نئي ۾ گهڙيا. اسان جو خيال هو تہ انقلابي قومي مجاهدن کي تقريرن ۾ ٻڌائيندا آهيون تہ خطرن جي پرواهہ نہ ڪجو ۽ پوڙهو هجي، چاهي سوڪ، اڳتي وڌندا رهجو. پر ڇاڇا جنهن صحيح وقت تي اڳتي نڪاءِ ڪيو، تنهن کان پوءِ ماڻهن کي اهو سبق ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانہ رهي تہ ڪو خطرن جي پرواهہ نہ ڪجي."

(احوال: نمبر ١٤)

هوچي منهہ جي هڪڙي ساٿيءَ هوانگ ڪوڪ هن سريت لکيو آهي:-

"جن ڏينهن انقلابي قومي مقابلي جي تحريڪ شروع ٿي، تن ڏينهن هو هارين سان گڏ رهندو هو. انهن جهڙا پوري رنگ جا تلهہ سوٽي ڪپڙا پائيندو هو ۽ جيڪي بہ بندشون ٻين سان لاڳو هيون، پاڻ بہ

انهن جي پوئواري ڪندو هو. جڏهن به ڪو بمبار هوائي جهاز ڳوٺ جي مٿان لنگهندو هو ته هو ٻه هارين وانگر انهن سان گڏ ڊوڙي وڃي ٻنين ۾ لڪندو هو. ان کان پوءِ هو انگ ماپ ٽالي ڳوٺ ۾ ٻيلي جي وچ ۾ هڪ جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو، جيڪا هڪڙي ڏڙي تي ٻيٺل هئي. جهوپڙيءَ جي ڇت تمام هيٺ هئي ۽ چئني پاسي کليل هئي. هن وٽ هڪ ننڍڙي ٽائيپ رائيٽر، ٻن ٽن پٿلونن، لکڻ جي ڪاغذن کان سواءِ ٻيو ڪو به سامان سڙو يا شيءِ شڪل ڪانه هوندي هئي. هن جو ساٿي هڪڙو ڪتو به هوندو هو پر ان کي به شينهن کائي ڇڏيو، جيڪي رات جو ان ٻيلي ۾ پيا چڪر هڻندا هئا."

## احوال نمبر ۵

هوچي منهه جپان خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ چين جي ليا چو ڳوٺ مان ويٽنامي عوام ڏانهن ٦ جون ١٩٤١ تي هي بيان نشر ڪيو.

"محترم بزرگو، محب وطن شهريو، دانشورو، هاريو، مزدورو، واپاريو، سپاهيو ۽ پيارا ساٿيو!

جرمني هٿان شڪست کائڻ کانپوءِ فرانس ۾ ڦرڦوٽ پئجي ويئي ....... هن بزدل تي اسان جو وطن جپانين جي حوالي ڪري ڇڏيو ....... اڳي اسان جي قوم کي فرينچ ڦورو ڦريندا لٽيندا هئا. هينئر اسان جي ساڳي بدقسمت قوم جپاني ڦورن جي غلام ٿي ويئي آهي.

Gul Hayat Institute

اسان جي قومي سورمن ۽ سرويچن لاءِ ۽ هونگ جي اولاد جي ته ڪروڙ ماڻهن پڪو پهه ڪيو آهي ته هاڻي اسين اها ذلالت هرگز برداشت ڪانه ڪنداسين. آزادي جو وقت اچي ويو آهي.... اڳئين زماني ۾ جڏهن اسان جي ملڪ لاءِ منگولن جي حملي جو خطرو پيدا ٿيو تڏهن اسان جي گهراڻي جا بزرگ مقابلي لاءِ ميدان ۾ نڪري پيا. هينئر اسان کي به پنهنجن وڏن جي نقش قدم تي هلڻو آهي:

”دولتمند، سپاهيو، مزدورو، هاريو، دانشورو، واپاريو، نوجوان مرد ۽ عورتو!

اڄ توهين حب الوطني جي جذبي سان، تمتار آهيو هينئر قومي آزاديءَ لاءِ پاڻ هر شيءِ قربان ڪري سگهون ٿا. اچو ته فرانسي ۽ جپاني فاشسٽن ۽ سندن چاڙتن کي تباه ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وڃون!

آزاديءَ جا مجاهدو! وقت اچي ويو آهي! بغاوت جو جهنڊو اوچو ڪريو! توهانجي امر ويتنام جو سڏ توهانجي ڪنن ۾ پيو پيو....

فتح ويتنام جي انقلاب جي ٿيندي

فتح دنيا جي انقلاب جي ٿيندي!!

## احوال نمبر ٦ -

١٩٤٢ع ۾ هوچي منهه چين ويو جتي اتي جي حڪومت گرفتار ڪيس ۽ پوءِ اها ڳالهه مشهور ٿي ويئي ته هو جيل ۾ مري ويو. انهيءَ واقعي جو ذڪر ڪندي” سندس ساٿي، ويتنامي وزير دفاع ۽

جنگ مشهور گوريلا ماهر ۽ سپہ سالار پروفيسر گياپ، لکي ٿو:

"هڪڙي ڏينهن مون کي وان ڊونگ جو خط مليو جنهن ۾ چاچا هو جي چين جي ڪومنٽانگ سرڪار جي جيل ۾ مرڻ جو اطلاع ڏنل هو. اها خبر پڙهي صدمي کان اسان جا حواس خطا ٿي ويا. اسان چاچا جي ياد ۾ تعزيتي جلسو ڪيو. جنازي جو خطبو لکڻ لاءِ ڪامريڊ ڊونگ کي مقرر ڪيوسين. اسان چاچا جي پيتي کولي، سندس يادگار نشانيون ڳولي ڪڍيون ۽ هڪڙي ساٿي کي چين موڪليوسين ته سندس قبر ڳولي لهي. ٻن ٽن هفتن کان پوءِ اسان کي هڪڙو خط مليو جيڪو چين مان موڪليل هو. انهيءَ ۾ هي مصرائون لکيل هيون، جي اسان سمجهيون ته چاچا هو جون چيل هيون.

"هي جيل جي چوٽيءَ! تي جڳ مڳ ڪندڙ ڪڪرن جا ولر، هي ڪڪرن جي ٽولين کي ڇهندڙ اوچي ڪاٺ وارا جبل، اڪيلو ڏي هلندو وتان. بس هڪڙو جذبو سيان ڪٽيو هردم لکين اڳيان پيو ڦريم ڏکڻ (يعني پنهنجي وطن ويٽنام) جو آسمان ۽ دل ۾ سڄڻ تجي ياد جون لهرون ترڪي آيون اٿم."

اسين ڏاڍا خوش به ٿياسين ۽ ڏاڍا حيران به ٿياسين. نيٺ اسان جو ساٿي، جيڪو چاچا جي قبر ڳولڻ ويو هو، سو موٽي آيو ۽ اچي ٻڌايائين ته "چاچا هو برابر

Gul Hayat Institute

گذاري ويو آهي!“ اسان چيس ”پيليو آهين! چاچا جيئرو آهي. هي خط لکيو اٿس.“ هن چيو ته ”خود چيني گورنر مون کي چيو: ”سوليو! سوليو!“ (مري ويو! مري ويو!)“ اسان سمجهايس ته ”تون پليو آهين! گورنر چيو هوندو ”چوليو! چوليو!“ (بلڪل تندرست آهي بلڪل تندرست!)

## احوال نمبر ٧

هوچي منهه ان پيري جيل جي قيدخانن ۾ جيڪي سٺو، تنهن جو احوال فرينچ مصنف لاڪوتيواز هيئن ڏنو آهي:

”هوچي منهه ١٥ مهينا زنجيرن ۾ جڪڙيل، خارش ۽ ڦٽن سان ڀريل، عادتي ڏوهارين سان گڏ، ڦاسيءَ جي سزا مليل قيدين سان هڪڙي هٿڪڙيءَ ۾ ٻڌل، چين جي هڪڙي جيل مان ٻئي جيل ڏانهن ۽ ٻئي مان ٽئين ڏانهن گهلبو رهيو....

”هڪڙي قيدي جنهن کي هوچي منهه سان گڏ ساڳي ٻيڙي لڳل هئي، سو هڪڙي ڦهڙ سياري جي رات هوچي منهه مٿان ٽيڪ ڏيئي ليٽندي ليٽندي ٿڌ وگهي مري ويو. هو نانننگ جيل کان تس تسي جيل ڏانهن ۽ ڪومين کان ليوچو جيل ڏانهن، ڪوهن جا ڪوهه سيءَ، واري طوفان ۾ گهلبو رهيو. کيس سدائين پيرن ۾ ٻيڙيون ۽ هٿن ۾ هٿڪڙيون پيل هونديون هيون. اڪثر کيس گچيءَ ۾ لوهي ڳٽ

وجهي گهلبندا هئا هو رگو پنهنجي ارڏائي ۽ فولادي ارادي جي ڪري جيئرو رهيو ۽ ايذيون اٽانگيون ۽ سوتمار منزلون ڪهي ۽ ايذا عذاب سهي به جيئرو رهجي ويو."

قيد واري زماني هن ڪيترا بيت ۽ نظم لکيا.

## احوال نمبر ٨

پهريون بيت ۾ چوي ٿو:

"توهان اسان جا جسم قيد ڪيا آهن، پر اسان جا ذهن توهان کان هرگز قيد ٿي ڪونه سگهندا."

ٻئي بيت ۾ چوي ٿو:

"چانور اکرين ۽ مهرين جا ڪيڏا نه ڏک سهن. تان پر ان عذاب سهڻ کان پوءِ به سنڌي سنهن ڪيئن نه اجريو اڇا ٿيو پون. ساڳئي طرح ماڻهو ۽ قومون به بدنصيبي ۽ مصيبت جون مهريون سهي، ڇڙجي، ڇنڊجي ۽ سهڻا ٿيو پون."

جونئن سان ٻرپل قيدي ساٿين کي ننڍي ۾ بيٺل ڏسي چوي ٿو -

"اڪ ٻورڻ کان پوءِ جنهن کي ڏسو سڃو نوڪ! نيڪ ۽ بد جو فرق ڄاڻڻ کان پوءِ ڏسي ٿي ٿو انسان ڄائي ڄم کان نه نيڪ آهي نه بد. سماجي ماحول ئي انسان کي سٺو يا برو ڪري ٿو. قيدخاني جي سختيءَ جو احوال هن شعرن ۾ ڪيو آهي."

Gul Hayat Institute

”هي قيد خاني جي وحشت! هي اڪيلو قيد!!
هتي مون کي جيڪي چار مهينا گذريا آهن سي ذهن
سالن جي تڪليف کان به ڳرا ٿا لڳن!!“

ڪڏهن جيل ۾ ٻاهرين گلن جي خوشبوءِ سرهاڻ
ايندي هئي، ان بابت لکي ٿو.

”گل ٽڙن ٿا ۽ ڪومائجن ٿا. ڪين خبر ٿي
ڪانهي ته ڇا هئاسون ۽ ڇا ٿي وياسون! خوشبو
قيدخاني ۾ به گهڙيو اچي ٿي ۽ قيدي جي ڏکويل ۽
مصيبت جي ماريل دل ۾ اهي سڳنڌيون ۽ هٻڪارون
ڦريون ڏانهون ڪوڪون ٻنجيو پون!!“

انقلابي قومي شاعرن کي چوي ٿو.

”پنهنجي شعرن کي رڳو جو لباس پهرايو!
شاعرو! پنهن جي شعرن کي بحر ۽ وزن ڏئي
ورتو، هاڻي انهن کي جنگ جو فن سيکاريو، ته توهان
جا شعر گوليون بنجي، قوم جي ۽ عوام جي دشمنن
جون دليون چيرين!!“

**احوال نمبر ٩**

٢ سيپٽمبر ١٩٤٥ع تي فرانس خلاف اعلان جنگ
جي موقعي تي تيل جلسي ۾ هوچي منهه هيٺين تقرير
ڪئي.

”٨٠ سالن کان به مٿي اسان جي ملڪ کي غلام
بنائيندڙ فرينچ سامراجين آزادي برابري ۽ ڀائپي
جي نشان (يعني ڏيڍ صدي اڳ جي فرينچ جمهوري

Gul Hayat Institute

انقلاب جي) تہ رنگبي جهنڊي جي آڙ ۾ اسان کي ڦريو ۽ اسان جي قوم تي ظلم ڪيا. اسان کان اسان جون سياسي آزاديون کسيون، وحشي قانون ناهيا، اسڪولن بدران قيد خانا ٺهرايا، اسان جي آزاديءَ جي بغاوتن کي رت جي درياءَ ۾ ٻوڙيو. اسان جي نسل کي آفيم ۽ شراب رستي بيهوش ڪيو. اسان جا مال ملڪيتون اسان جا گهر، ڳوٺ، ٻنيون ٻارا، جهنگ ۽ ٻيلا ڦريا ۽ اسان تي ڳريون ڍلون ۽ ٽيڪس مڙهيا. اسان جي واپارين کان واپار کسيو. اسان جي نوڪرين وارن ملازمن کان غيرانساني ڪم ورتا. تان جو اسان جي قوم جو رت، چم، ماس، ڪوري ڪائي ويا آهن ۽ اسان جو رڳو هڏائون پڃرو وڃي ڇڏيو اٿن.

انهيءَ ڪري اسان، نئين ملڪ ويٽنام جي عارضي حڪومت جا وزير ۽ عوام جا نمائندا اعلان ٿا ڪريون تہ اسان فرينچ سامراجين کي تسليم نٿا ڪريون. هنن اسان جي قوم ۽ وطن تي جيڪي معاهدا زوري مڙهيا آهن، تن کي نٿا مڃيون. فرينچ اسان جي مدد تي جيڪي دعوائون ٿا ڪن ۽ حق ٿا ڇڪين، تن کي قبول نٿا ڪريون. اسين ويٽنامي يڪ زبان ۽ يڪ دل ٿي فرينچ قبول نٿا ڪريون. اسين غلاميءَ جي ڳٽ خلاف محڪم آزادي سان لڙائي جاري رکڻ جو اعلان ڪريون ٿا.“

## احوال نمبر ١٠

فرينچ مصنف لکي ٿو:

"١٩٤٦ع ۾ "هو" فرانس جي سرڪاري مهمان طور فرانس ويو. اتي هن کي فرانس جي صدر ورنول، هوٽل "دوويول ۾ دعوت ڏني. شروع ۾ هن کاڌو کائڻ کان انڪار ڪيو پر پوءِ هن ٽڪڙو سهڻو صوف کڻي پنهنجي کيسي ۾ وڌو. صدر ورنول وائڙو ٿي ڏسڻ لڳو. ايتري ۾ هوچي منهه هوٽل مان ٻاهر نڪري ويو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو اهي جيڪي ماڻهو سندس استقبال ڪرڻ لاءِ آيا هئا ۽ هوٽل جي ٻاهران نعرا پئي هنيائون تن مان هڪڙي ننڍڙي ڇوڪريءَ کي وڃي صوف ڏنائين........"

## احوال نمبر ١١

١٩٤٥ع ۾ ويٽنام جي صدر ٿيڻ کان پوءِ سندس پهرين تقرير ۾ هن ٻارن کي خطاب ڪيو.

"منهنجا پيارا ٻارؤ!

اڄ سرءُ جي وچ جو ميلو آهي. توهان جي ماءُ پيءُ توهان کي لالٽين، رهل، ڦٿاڪا ۽ پيا ڪيترائي رانديڪا وٺي ڏنا هوندا ۽ توهان تمام خوش ٿيا هوندا. توهين خوشيون پيا ڪريو ۽ توهان جو چاچو به توهان سان خوشين ۾ ڀائيوار آهي. ٻڌايو ته ڇو؟ پهرين ته انهيءَ ڪري جو مون کي توهان سان تمام گهڻو پيار آهي. ٻيو هي ته انهيءَ ڪري جو اڳئين سال هن ساڳئي ميلي جي ڏينهن ۾ اسان جو ملڪ ظالمن جو شڪار

هو ۽ منهنجا پيارا پارؤ توهين نئيڙا ننڍڙا غلام هئا. هينئر هن سال ويٽنام وري هڪ دفعو آزادي ورتي آهي ۽ توهين هينئر هڪڙي آزاد ۽ خودمختيار ملڪ جا ننڍڙا وارث آهيو. اڄ جيتريون ڪيتريون خوشيون ڪريو. مون کي اميد آهي ته سياڻي توهين پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويندؤ. ڇا توهان سيني کي ويٽنامي ٻولي ۽ جي الف ب اچي ٿي؟ جن کي نٿي اچي سي جلد سکي وٺن...... ايندڙ سره جي ميلي ۾ اسين ٻارن ۽ ٻڍن ٻنهي جي ميلي ملهائڻ جو بندوبست ڪنداسين. توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟.....

.... هن سال آءٌ توهان کي ڪابه سوکڙي ڪونه ٿو ڏيان، جهجها جهجها سلام ۽ پيار ٿو موڪليان....

## احوال نمبر ١٢

فرينچن ناهه جا واعدا نه پاڙيا ۽ ٢٠ ڊسمبر ١٩٤٦ع تي هنن دغا سان اوچتو ويٽنامي مجاهدن ۽ سندن آزاد حڪومت تي حملو ڪيو. هوچي منهه ۽ سندس ساٿي جنرل گياپ ذري گهٽ گرفتاري کان بچي وري پراڻن ٻيلن ۽ ٻنين ۾ وڃي لڪا. ان موقعي تي هوچي منهه پنهنجي قوم ڏانهن هي پيغام موڪليو.

”منهنجا هم وطنو! انساني ڪوس کان بچڻ ۽ صلح ڪرڻ لاءِ اسان ڪيتريون ئي رعايتون ڏنيون آهن پر جيتريون رعايتون ٿيا ڏيون، اوترو هو انهن جو ناجائز فائدو پيا وٺن ۽ اسان جي حقن کي ڪچلين ٿا.

....هاڻ اٿين نہ ٿيندو، ملڪ انهن جي حوالي ڪري ٻيهر غلامي ۽ خواري جي کڏ ۾ ڪرڻ کان بهتر آهي تہ جيڪو اٿيون سڀ وطن تان صدقو ڪري ڇڏيون،

منهنجا همِوطنو! اٿي کڙا ٿيو!

جنهن وٽ رائيفل آهي اهو رائيفل کڻي، جنهن وٽ تلوار آهي اهو تلوار کڻي، جنهن وٽ تلوار بہ ڪانهي، اهو ڪهاڙيون ۽ ڏنڊا کڻي اٿي کڙو ٿئي!....

....اسان جي آڏو ڪيتريون ئي مشڪلاتون ۽ رڪاوٽون اچن تہ بہ اسان کي هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ کپي. فتح اسان جي ٿيندي....“

Gul Hayat Institute

# سورهيه قوم جو سدا حيات سورمو!

ڪرڪنا لاهي سک نہ ستا ڪڏهن
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو. (شاهه)

”....منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيتريون ئي لاهيون چاڙهيون آيون. بکون ڪاٽيم، رولڙا سٺم، هوٽل جي بيراگيري ڪيم، ٻورچي ٿيس، رستي تان برف ڍوئڻ وارو ٿيس، ريل جي انجڻ ۾ ڪوئلن وجهڻ جو ڪم ڪيم، فوٽو گرافي سکيم، اهڙي ريت مون زندگيءَ جي ڏکن سان مرڪندي اکيون اکين سان ملايون آهن. آءٌ سچ جي ڳولا ۾ ڳوٺ ڳوٺ رليس ۽ ملڪن جا [illegible] پيرن هيٺان لتاڙيم....

”....آءٌ خالي صاف شفاف دل ۽ ٻن سگهڻن هٿن سان ازلي سچ ۽ ابدي حقيقتن جي ڳولا ۾ روانو ٿيس....

”....آءٌ هنڌ هنڌ ويس، آفريڪا به ويس، انگلينڊ به پهتس ۽ آمريڪا ۾ به قدم رکيم....

”....جنهن به تحريڪ ويٽنام جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ٿي ڪئي، تنهن شڪست ٿي کاڌي. آءٌ جڏهن به انهن ڳالهين جي باري ۾ سوچيندو هوس ته منهنجي دل لهي ويندي هئي.... تنهن هوندي به منهنجي دل ۾ آزاديءَ حاصل ڪرڻ جي جيڪا آگ پئي جلي، تنهن جي لاٽ کي مون ڪڏهن به وسامڻ نه ڏنو....“

صدر هوچي منهه